

الجواب...!

ہندوجانند ”آنند“

لاجواب

(عوام جا سوال ۽ 'آنند' جا جواب)

هندوجا نند 'آنند'

سدآنند پبليڪيشن

۴۰۴، نالندا پئليس،
سنڌو نگر - ۴۲۱ ۰۰۱

فون نمبر - ۵۴ ۲۱ ۴۲

مهاڳ

ٻن ڏهاڪو ورهين کان وٺي نند سان پيون روح رهاڻيون ڪبيون آهن. شروعاتي دؤر ۾ هنسي مؤج ۾ نند جي زبان مان ڪڏهن ڪڏهن عجيب گفتو نڪري ويندو هو، جو اُمالڪ مان ڪيس چوندو هوس تہ مون توسان ڪنهن وشيہ تي هيڏي اُپٽار ڪئي، تو صرف هڪ لفظ ۾ اهڙو ٽونڪو هنيو جو سمورو سَتُ انهيءَ ۾ سمائجي ويو. پوءِ ٿهڪ ڏيئي هڪٻئي جي منهن ۾ نهاريندا هئاسين. ائين انيڪ دفعا سٹر سپاٽي ڪندي، سهنج سڀاءَ سان اهڙا گفتا-وتائي فقير جيان ٽؤنڪن ۾ نصيحت سان گڏ ڪي شخصي، ڪن ۾ دنيوي اهڃاڻن جو سَت لڪل، نند کان ٻڌبا هئا. اها نند جي دماغي قوتَ چئو يا سندس دماغي اڏاوتي نصور چئو-پر اها حقيقت آهي تہ نند جي چڪاسي نگاه (Observation) ڪن خاص سماجڪ - پنگتي، راجنيتي، عشق - عقل ۽ فهم جي فلاسافيءَ تي اهو نظريو پسي ٿو. جنهن مان اها دماغي اُپج (Creation) پئدا ٿئي ٿي. ،جنهن جو احساس توهان پڻ هن جي لکيل (پئدا ڪيل) ڪتاب 'لاجواب' مان ڪندا - جيڪو نند جي هن ڪثرت جو زنده مثال آهي.

انهن سوالن ڪي پڙهي مان خود بہ ٻڌتر ۾ پئجي ويندو آهيان تہ ڪهڙو جواب تز آهي؟ سندس ڏنل جواب پڙهي، ائين پائيندو آهي تہ نند جو ڏنل جواب بهتر آهي، شايد اهو ئي جواب، لاجواب ٿي سگهي ٿو.

مونکي اڄ اهو ظاهر ڪندي خوشي ٿي ٿئي تہ انيڪ اهڙن موقعن تي مان نند کي چٽيءَ طرح ذهن نشين ڪرائيندو هوس، تہ هلندي چلندي، اُٿندي ويهندي، اهڙا ٽونڪا ۽ جملا ٻڌائين ٿو، اهي گهر پهچڻ شرط ڪٿي لکي ڇڏيندو ڪر - اهو گڏيل ڪيل ٽونڪن جو مجموعو - تنهنجي لکيل آکاڻين - افسانن کان

LA - JAWAB

(General Questions & Anand's Answers)

By :

HINDUJA NAND "ANAND"

SADANAND PUBLICATION

404, Nalanda Palace,

Sindhunagar - 421 001.

✆ 54 21 42

Price : Rs. 25/- (Twenty Five Only)

Year : 1996.

Published By :

Smt. Savitri N. Hinduja

404, Nalanda Palace,

Sindhunagar - 421 001.

لاجواب بابت .....
(هي لفظ ضرور پڙهو)

پريہ سڄڻ ساٿيو،

لاجواب ۾ عوام جا عام سوال کيل آهن ۽ منهنجا جواب پنهنجي آزمودي ۽ بين جي گفتگي جي آڌار تي ڏنل آهن. اوهان ضرور پڇندا، ڀلا ' **لاجواب** ' ڇو؟

جواب آهي تہ اوهان، بلاشڪ ڪوبہ سوال پڙهو، مگر ان جو جواب ڪجهہ پل **اصل نہ** پڙهو. اوهان خود جواب لاءِ سوچيو، خوب سوچيو ۽ سوچڻ بعد، جڏهن ڪتاب ۾ لکيل جواب پڙهندا تہ ازخود چوندا اهو ئي جواب ' **لاجواب** ' آهي!

ڪتاب مان ڪوبہ سوال ڪنهن محفل ۾ ڪنهن کان پڇيو، پنهنجي يار يا ڪنهن ساٿيءَ کان پڇيو ۽ ان جو مليل جواب ٻڌو ..... ليڪن بعد ۾ ڪيس ڪتاب وارو جواب ٻڌايو، تہ هو خود چوندو .... اهو ئي جواب بيشڪ ' **لاجواب** ' آهي!

....

چيو وڃي ٿو، 'هي جيون هڪ پرشن آهي.' زندگي امتحان آهي! امتحان ۾ ڪي پاس آهن، ڪي فيل. ڪي سيڪنڊ ڪلاس، ڪيترا فرسٽ ڪلاس، ڪي جزوي ڊسٽنڪشن ۽ ڪي سؤ مان سؤ مارڪون کڻي سڀ کان اول بيهن ٿا!

اهو سڀ ڪجهہ مدار رکي ٿو، ڪير ڪيتري قدر صحيح، ۽ صفائيءَ سان دليل سان مليل سوالن جا جواب ۽ لاجواب جواب ڏيئي سگهي ٿو.

....

زندگي، هڪ نہ بلڪ بيشمار سوالن جو اڻکٽ سلسلو آهي.

وڏيڪ دماغي پيدائش آهي، جيڪا تنهنجي ويچار جي ماهريات جو مثال ڏيندي.

اڄ نند هندوجا 'آنند' انهن لکڻين - ڇهچٽن ۽ ٽونڪن کي قلم بند ڪري نہ رڳو سنڌي ساهت کي شاهوڪار تو بڻائي پر انساني جيون کي هنن لاجواب سوالن جوابن معرفت نصيحت ۽ فهم جي ڄاڻ ڏئي تو.

سندس اهو ڪتاب ڪو افسانو ڪونهي، پر ڳوڙهين وشين جو جوابن ۾ ڏنل تت آهي - جيڪو هزارين پاٺڪ پنهنجي جيون ۾ پيا ڪم آڻيندا ۽ انهيءَ جو لطف ماڻي شايد حالتن مطابق پاڻکي نهڪائي جيون کي جياپي لائق بهتر بڻائيندا. هنن جوابن ۾ ڪٿي ڪٿي حياتيءَ جي گنڀير ۽ تناءَ واري زندگيءَ کي هلڪو ۽ هواڳہ وارو بڻائيندا ہ پريمي، ہ هم سفر، ہ همراهي. ڪٿي آسائتا ڏيندا تہ هن ڪتاب مان سوال جواب پڙهندي مؤج پيا ماڻيندا - اديب واري بحث مباحثا ڪري مضمون لکندا. تہ شاگرد پنهنجو عام فهم (General - Knowledge) وڌائيندا - آفيسر - اُمراءُ پڙهندي دماغي ٿڪاوٽ کي دور ڪندا.

مان نند کي هن خزاني لاءِ بيحد گهڻيون مبارڪون تو ڏيان - ساڳئي وقت خوشي اٿم جو هن گلدستي جي گلن جي لائق ساراه لاءِ مونکي مهاڳہ لکڻ لاءِ وجهہ ڏنو اٿئين ...

بنده

پريم تولاڻي

مکيہ سمپادڪ - 'سنديش پارٽ ويڪلي'

١١ مئي، ١٩٩٦

تو وڃي؟ (۵) روح ڇا آهي؟ (٦) اچانڪ انسان کي پل ۾ ڇو تو موڪلائي وڃي؟ (۷) ري ڪني مئلن جا روح ڇو ٿا ڀٽڪن وغيره.

مون لاجواب ۾ سوالن جا جواب هرويرو ڏهني، پرولين ۾ يا پرفيڪٽ ڪونہ ڏنا آهن، پر لاجواب ڏنا آهن، ائين آءٌ سمجهان ٿو. ڪن جا جواب مذاقي آهن، ڪن ۾ طنز ۽ انگڙائي پريل آهي. ڪي گهمائي ڦيرائي جواب ڏنا آهن، ڪن سوالن جا جواب خود سوال آهن، ڪي توهان کان پڇيا ويا آهن، اچا بہ منهنجي من ۾ ڪيترا سوال موجود آهن، جن جو جواب خود مونکي ڪونهي!

ڪن جوابن ۾ فيلسوفي آهي، گهرائي آهي، ڪي هلڪا ڦلڪا آهن، ڪي جواب توهان کي ڪونہ وڻندا، خراب لڳندا، ڪن ۾ فقط زماني جا حوالا آهن، ڪي ٽائيم پاس جواب آهن، هر پرڪار جا سوال آهن ۽ ڪن جا اڌپورا اڌورا جواب آهن، ڪن جا شايد غلط جواب بہ هجن مگر جواب لاجواب آهن.

....

هن سموري انسان ذات جي دنيا جو چرخو سوالن جوابن جي دائري ۾ هلي ٿو. اتهاسڪ گهٽنائن مان ڏسندا سين تہ ڪيترن شخص جي لاثاني جوابن جان بچائي آهي! زندگي بدلائي آهي! تقدير کي ڦيري ڇڏيو آهي! دشمن کي دوست بڻائي رکيو آهي!

سڪندر اعظم پنهنجي سامهون راجا پورس کي قيديءَ جي روپ ۾ ڏسو ۽ پڇيو، 'توهان هارايو آهي، اوهان سان ڪهڙي هلت ڪئي وڃي؟'

عالم آشڪار جواب آهي، راجا پورس جهڙو پاڻ شاندار هو، اهڙوئي شاندار جواب ڏنو، 'جيڪا هلت هڪ راجا کي ٻئي راجا سان ڪرڻ جڳائي!'

پوءِ اهو ڪلاس روم هجي يا امتحاني پيپر، نوڪريءَ لاءِ انٽرويو هجي يا شاديءَ کان اڳ ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کان جاچ جوچ لاءِ پڇيل سوال جواب، يا فون تي گفتگو هجي، مطلب ته جيون جو هر دن پرشن مثل ٿئي ٿو، جنم کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين، ماڻهو سوال ۽ جواب، مثل ٻن پٽڙن تان هلندو رهي ٿو، ريل گاڏي ٻن پٽڙن جي ٽرئڪ تان تڏهن هلي سگهندي، جڏهن ٻئي پٽا پورروچوٽ ۽ صحيح هوندا. ان حالت ۾ ريل گاڏي بئلنس رکي رفتار سان منزل تي پهچي سگهندي. بلڪل ٺيڪ اهڙي نموني انسان جي جيون روپي گاڏي مقصد ڏانهن هلي ٿي .... سوال جواب جي ٻن پٽن تي .... پر لطف لاجواب ۾ آهي.

....

زندگيءَ جي دؤر ۾ هلندي هلندي قدم قدم تي روز نت نوان ۽ انوکا سوال پئدا ٿين ٿا. حياتيءَ جو هر مسئلو، هڪ سوال پئدا ڪري ٿو ۽ هر سوال جو جواب ته ڏيڻو آهي، جهڙي نموني زندگيءَ کان ڀڄي دور ٿيڻ مشڪل آهي، تنهن پرڪار سوال جي جواب ڏيڻ کان ڪنارو ڪرڻ يا انڪار ڪرڻ ڏکيو آهي! اسان ڪي سڌي يا اٽسڌي نموني جواب ڏيڻو آهي .... سوال صرف اهو آهي ته اوهان جو جواب ڪهڙو آهي؟ ۽ ان جواب تي اوهان جي جيون جو ملهه، مرتبو ۽ مان سومان جو هار جيت جو مدار رهي ٿو .... سوال جو جواب، اسان جي اندر جي من جي واقفيت ڏيندو آهي! ۽ لاجواب جواب، ماڻهوءَ جي مزاج بيان ڪندو آهي.

....

ماڻهوءَ جي من ڪيترائي سوال پئدا ڪيا آهن، جن جو جواب انساني دماغ ۽ بڌي اڃا ڏيئي ڪونه سگهيا آهن. مثال طور:
(١) ايشور آهي؟ (٢) آءُ ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ ڇو آيو آهيان؟ (٣) آءُ دکه ڇو ٿو پسان؟ (٤) انسان عدم ڏانهن ڪيڏانهن

ٻڌائي ڇڏيو.

راجا سمڀاجيءَ، شيواجيءَ جي ڪڙي ڪيل سوراج کي بچائي ڪونہ سگھيو، ھن کي اورنگزيب پڪڙي قيد ڪيو ھو ۽ ھن کي تنبي سان ٻڌو ويو. اورنگزيب کيس چيو، ’توکي راڄ واپس ڪيو ويندو، توکي آزاد ڪيو ويندو، تون مغلن جو تعبيدار ٿي رھہ ۽ اسلام قبول ڪر.‘

تڏھن سمڀاجي راجي وراڻيو، ’اسلام قبول ڪرڻ سان اسلام کي ڪو فائدو نہ پھچندو ليڪن منھنجي مھان ڌرم کي ڌھرم رسندو ۽ آءٌ اسلام قبول ڪونہ ڪندس.‘

ان جواب تي ھن جون اکيون ڪڍايون ويون تہ بہ ھن جو جواب ساڳيو رھيو، ھن جي جيڀ ڪٽي ويئي تڏھن بہ ھن ڪنڌ سان انڪار جو جواب ڏنو ۽ آخر ھن جو سر ڪنڌ کان ڪپيو ويو .... سمڀاجي شھيد ٿي ويو ۽ سدا لاءِ اتھاس ۾ امر ٿي ويو .... حالانڪ ھن جي پوري جيون وٿرت ويئي ھئي ليڪن ھن جو مرتبو مھان رھيو، ڇوتہ ھن جيڪو جواب ڏنو، اھو لاجواب ھو!

....

ھن ڪتاب ۾ مليل سوالن جا جواب ھڪدم ڏسندا تہ جواب رواجي لڳندا، پر جڏھن اوھين سوچ ڪرڻ بعد جواب ڏسندا تہ جواب غير رواجي لڳندا پر صحيح جواب لڳندا.

اھا ڳالھہ ھيٺ ڏنل مثال مان سمجھي سگھندا!

جڳہ پرسڌ جھازران ڪولمبس، جڏھن پنھنجو خيال ٻڌايو تہ ڌرتي گول آھي، تڏھن سڀ ماڻھو کلڻ لڳا ۽ ڳالھہ مڃڻ کان انڪار ڪيائون ۽ چوڻ لڳا تہ ان ۾ ڇا آھي، اسين بہ چئي سگھون ٿا ڌرتي گول آھي.

ان تي ڪولمبس ڪليءَ دربار ۾ چيو تہ، ’ھي مرغيءَ جو بيدو آھي، اھو اندو، مون کي ڪير بہ ٽيبل تي اُڀو بيھاري ڏيکاري.‘

انهيءَ لاجواب جواب اتهاس جي باب ۽ پورس جي زندگيءَ جو موڙ بدلائي ڇڏيو!

....

هڪ شش پنهنجي گروءَ کي آزمائڻ تي چاهيو. هن پنهنجيءَ مٺ ۾ هڪ جهرڪي ڦاسائي رکي هئي ۽ گروءَ کان پرشن ڪيائين، 'ٻڌايو تہ، هي جيو جو منهنجي هٿ ۾ آهي، زنده آهي يا مرده آهي؟'

مهاتما پنهنجي شش جي شرارت سمجهي ويو، ۽ خيال ڪيائين تہ اگر زنده چوندس تہ هڪدم جهرڪيءَ کي دٻائي، ماري ڦٽو ڪندو ۽ پوءِ چوندو تہ، گرو کي ڪين جاڻي،، اگر چوندس تہ مرده آهي تہ هڪدم پکيءَ کي اُڏائي ڇڏيندو ۽ ثابت ڪندو تہ آءٌ ڪوڙو آهيان!'

ان ڪري گروءَ سوچي جواب، ڏيندي چيو، 'ٻچا، هي جيو تہ بي ڏوهي آهي، تون چاهين تہ هن کي جيون دان ڏيئي سگهين ٿو، تون چاهين تہ کيس ماري ختم ڪري سگهين ٿو ..... هن جيوَ جي جان تنهنجي هٿ ۾ آهي!'

اهو جواب ٻڌي شش پکيءَ کي مٺ مان آجو ڪٽي ڪيو ۽ گروءَ جي چرنن تي ڪري پيو. اهڙي پرڪار جيون جو هر پل پريکشا سمان آهي ۽ اسان جو هر وقت جواب لاجواب هئڻ گهرجي!

....

پريزيڊنٽ جان ايف. ڪئنڊي، عام کان هڪ سوال ڪيو تہ، 'ڇا اوهان اهو سوچيو ٿا تہ ديش اوهان لاءِ ڇاڻو ڪري ....؟ پر اهو نہ سوچيو! اوهان ڏسو تہ توهين ديش لاءِ ڇا ٿا ڪري سگهو؟' انهيءَ سوال ۽ لاجواب جواب ڪئنيڊيءَ کي دنيا ۾ لوڪپريہ نيتا

لاجواب

هندوجا نند ’ آنند ‘

عوام جا سوال :-

(١) منش ۾ پسون۾ جي جيون ۾ ڪهڙو ڀيد آهي؟

(٢) پئسو ڇا آهي؟

(٣) سنڌي ٻوليءَ ۾ سٺو ۽ مطلب وارو ڀاڪو ڪهڙو آهي؟

(٤) انسان کي اگر پرَ مليل وڃن تہ .....؟

(٥) دنيا جي خلق کي اگر تاس جي پتن (Playing Cards) موجب ورهايون تہ سياسي اڳوانن کي ڪهڙي پتي ۾ آڻي سگهنداسون؟

(٦) استري اگر ساڙهي نہ پائي ها تہ ......؟

(٧) ڇا انسان کي اندر جو احساس ڪڏهن معلوم ٿي سگهي ٿو؟

(٨) شاديءَ کان اڳہ ۽ شاديءَ کان پوءِ واري اولاد ۾ ڪهڙو فرق پوندو؟

(٩) ماڻهن پٿر کي ڀڳوان ڇو بڻايو آهي؟

(١٠) دنيا ۾ اگر آئيني جي ايجاد نہ ٿئي ها تہ .....؟

(١١) ناممڪن کي ممڪن ڪير بڻائي ٿو؟

(١٢) دنيا ۾ ماڻهن جو وڏو انداز ڪهڙي قسم جو آهي؟

سيني ڪوشش ڪئي ليڪن ڪير بہ بيدو اُيو بيهاري ڪونہ سگهيو. ان بعد ڪولمبس ريتيءَ جي چپٽي ڪٽي ان تي بيدو اُيو سڌو بيهاري ڏيکاريو .... اها آهي خيالي کوج يا (Original Idea).

....

ڪتاب ۾ تي سؤ يارهان ڪن سوال ڏنل آهن، تي سؤ ڏه جوابن کي چڏي ڪنهن هڪ غلط جواب تي مڪہ جيان بيهي نہ رهندا!

ناٽڪ، ناول، ڪهاڻيون ۽ قصا پڙهي تڪجي پيا آهن، ٽي. وي. سيريل ڏسي تنگ ٿي پيا آهن. هن هرهڪ سوال ۾ اوهان کي قصي يا ڪهاڻيءَ جو جواب هڪ جملي ۾ ملندو.

هت الڳ الڳ سوالن جي جواب ڏيڻ ۾ آءُ، ڪا دعويٰ تہ ڪونہ ٿو ڪريان تہ منهنجا جواب بلڪل صحيح ۽ سچ آهن ..... مگر ايترو چوندس تہ جواب حقيقت کان پري ڪونہ آهن.

ڪير بہ زندگيءَ جي دؤر ۾ اڳرو ٿيڻ چاهي ٿو ۽ ذهني طور ڪٿڻ چاهي ٿو تہ پاڻ کي (Rational Logical) بنياد تي جواب ڏيڻ جو مادو رکي، جيڪو جواب هجي، اهو لاجواب هجي.

هنن هيترن سوالن مان اگر توهان کي ڪوبہ سوال يا جواب وقت تي ڪم آيو تہ، اوس اوهان کي مانيتا ۽ سڦلتا ملندي، ڇو تہ انساني جيون جو هر دن هڪ پرشن آهي.

قربن مان :
هندوجا نند ’آنند‘
5th April, 1996

نوٽ :- هن ڪتاب جو ڪو بہ سوال يا جواب، ليکڪ جي اجازت وٺڻ کانسواءِ، ڪنهن اخبار يا مئگزن يا رسالي ۾ شايع ڪري نٿو سگهجي.

(۱۳) دنيا ۾ اگر رات نه هجي ها ته .....؟

(۱۴) اوهان جي زندگيءَ ۾ راز جي هڪ ڪهڙي ڳالهه آهي؟

(۱۵) ڪهڙي سوال جو جواب ڪونهي؟

(۱۶) دل ۽ دماغ جا مکيه ڪم ڪهڙا آهن؟

(۱۷) ناجائز کي جائز ڪير بڻائي سگهي ٿو؟

(۱۸) اگر ماڻهوءَ کي هٿ نه هجن ها ته .....؟

(۱۹) ريل گاڏيءَ ۽ بيل گاڏيءَ ۾ ڪهڙو فرق رهي ٿو؟

(۲۰) سڪ جو نماءُ ڪيئن ڪجي؟

(۲۱) راجا ۽ رنڪ ۾ هڪ جهڙي خاصيت ڪهڙي رهي ٿي؟

(۲۲) انسان ۽ جانور ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

(۲۳) شاديءَ کان پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟

(۲۴) آءٌ پيار ڪرڻ کان ڊڄندو آهيان، اها منهنجي ڪمزوري آهي يا خوشقسمتي؟

جواب - لاجواب

(۱) منش روئڻدي روئندي ڄمي ٿو، ڏاھون کندي کندي جيئي ٿو ۽ نراش ٿي مري ٿو، پر پسوڻ جي جيون ۾ اهي ٽئي حالتون ڪونه ٿيون اچن.

(۲) پئسو گھڻو ڪجھ آهي پر سڀ ڪجھ ناهي، پئسو گھڻو آهي ته انسان لاءِ آزار، اگر ناهي ته ماڻهو بيزار، پر جي پئسو پورو سارو آهي ته غنيمت سمجھو.

(۳) ڏنو پٽ ڇتي جو.

(۴) سڀ ائرلائنس (Air - Lines) بند ٿي وڃن.

(۵) سياسي اڳوانن کي ليونجاه پتي يعني جوڪر جي رول ۾ بيهاري سگھبو.

(٦) ..... ته مهاڀارت نه ٻڌجي ها!

(۷) ها، انسان کي ڪنهن به سميه ضمير جي ٺوڪر لڳڻ سان اندر جو احساس جاڳي سگھي ٿو، ان وقت ازخود من جو آواز ايندس، اٿ انتم ياترا کان اڳ پنهنجي انتر ياترا آرنڀ ڪر....

(۸) جيڪو فرق، ڪرن ۽ ارجن ۾ هو.

(۹) ڇوته عيبن سبب ڪوبه انسان ڀڳوان ٻڌجڻ جي لائق نه آهي.

(۱۰) ..... ته ڪوبه شخص پاڻ کي سندر ڪونه سمجھي ها!

(۱۱) ناممڪن کي ممڪن خواب (Dream) ٻڌائي ٿو.

(۱۲) دنيا ۾، ماڻهن جو وڏو انداز آهي، جن کي مٿو آهي پر مغز ڪونهي!

٢٥) توهان زندگيءَ ۾ ڪو ڪرشمو ڏٺو آهي؟

٢٦) اگر دنيا ۾ پيار نہ هجي ها تہ ..... ؟

٢٧) سنسار ۾ سکي ڪير آهي؟

٢٨) اسان جي سنسڪرت ڀاشا ۽ هندي ڀاشا ۾ ايمانداريءَ جهڙو مطلب ڏيندڙ لفظ ئي ڪونهي؟

٢٩) هندي ۽ انگلش فلم ڏسڻ سان ڇا معلوم ٿيندو آهي؟

٣٠) ڇا، سڄي دنيا سنڌي ٻولي سکي سگهي ٿي؟

٣١) آتما، چون ٿا نرليپ آهي مگر پوءِ بہ ڪير ٿو موج مزا وٺي؟

٣٢) شاعرن کي ڏسي، مون کي روئڻ ايندو آهي؟

٣٣) دنيا مان اڃا تائين ڪير نہ مئو آهي؟

٣٤) ڪنهن کي سمجهڻ جو ڪو سولو طريقو ٻڌايو؟

٣٥) شاهوڪار ۽ ڪنگال جي موت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

٣٦) جيون ۽ سپني ۾ ڪهڙي سمانتا ۽ اسمانتا آهي؟

(۱۳) ..... تہ اها ناٹ نہ هجي ها ۽ آدمشماريءَ ۾ واڌ نہ هجي ها!

(۱۴) پڌائڻ بعد، اها راز جي ڳالهہ ئي نہ رهندي ..... راز کي راز رهڻ ڏجي.

(۱۵) پهرياڻين استري پئدا ٿي يا مرد؟

(۱٦) هئي سدا هلندا رهن ٿا، دماغ قاعدا قانون جوڙي ٿو ۽ دل اُهي ٽوڙيندي رهي ٿي.

(۱۷) نڪاح، شادي، وواه ۽ مئريج.

(۱۸) هٿ نہ هجن ها تہ هٿيار بہ نہ هجن ها، هٿيار نہ هجن ها تہ حڪمران نہ هجن ها، حڪمران نہ هجن ها تہ وطن نہ هجن ها، ملڪ نہ هجن ها تہ جهنگل هجن ها ۽ ماڻهو سڀ جهنگلي جانور هجن ها.

(۱۹) هئي گاڏيون هلنديون رهن ٿيون، ريل گاڏيءَ ۾ ٽڪيٽ سان سفر ۽ بيل گاڏيءَ ۾ بنا ٽڪيٽ سفر طئہ ڪري سگهجي ٿو.

(۲۰) سڪ جو سؤلو نمائ ڪس (Kiss) ڪري سگهي ٿي.

(۲۱) هئي پورهيون ڪونہ ڪن، پر ڪائيندا طرح طرح جا پڪوان آهن.

(۲۲) وگيان موجب بنيادي طور انسان بہ هڪ جانور آهي، ليڪن ڪنهن بہ جانور کي انسان چئي نہ سگهبو آهي، پر گهڻن ئي انسانن کي جانور ڪري پڪاري سگهجي ٿو.

(۲۳) جسماني سڪہ ۽ دکہ وڌي وڃن ٿا، اسانجي فئملي ڦري پنهنجي فئملي ٿهي پوي ٿي.

(۲۴) پيار کان ڊڄڻ زندگيءَ کان ڇڄڻ ڊڄڻ آهي، جيڪو گيدي زندگيءَ کان ڊڄي ٿو، اهو تہ سمجهو منو مئل آهي. سمجهي ڇڏ پيار محبت زندگي آ!

(۳۷) دنيا ۾ ماهر ڪلاڪار ڪنهن کي مڃيو ويو ٿو؟

(۳۸) ڪهڙو ناٽو ڪمائيتو آهي؟

(۳۹) استريءَ جا ڪهڙا حصا ڪششدار آهن؟

(۴۰) جڏهن پنهنجو قدر، پنهنجن وٽ ڪونه ٿئي ته پاڻ کي ڪيئن سمجهائجي؟

(۴۱) هن وقت دنيا اندر ڪهڙي ڊڪٽيٽر جو راڄ آهي؟

(۴۲) دل جا راز سليندڙ ڪير آهن؟

(۴۳) اولاد مان ڪهڙا سک ملن ٿا؟

(۴۴) استري ۽ پرش جو پاڻ ۾ ڪهڙو سنبنڌ رهي ٿو؟

(۴۵) ڪرشڻ کي اڪيچار گوپيون هيون؟

(۴۶) توهان کي ڪهڙي ڳالهه جي خبر اصل ڪونهي؟

(۴۷) عشق جي منزل ڪهڙي آهي؟

(۴۸) وديارٿين کي بنا اڀياس، بنا محنت جي ڪهڙو ڪلاس ملي ٿو؟

(٢٥) ها، ٽڪپٽيءَ کي ڪير پيئندو ڏٺو، مگر اهو شايد وڳيان هو يا وهم هو، ليڪن اها خبر هڪ ڪلاڪ اندر سڄيءَ دنيا اندر ڦهلجي ويئي، اهو هڪ وڏو ڪرشمو هو!

(٢٦) تہ ..... دنيا ۾ نفرت بہ ڪونہ هجي ها!

(٢٧) جنهن سنتوشيءَ سکہ ڏٺو ئي ڪونهي!

(٢٨) چاڪاڻ تہ اسان جي پراچين سنسڪرتيءَ ۾ بي ايماني ڪونہ هئي ۽ هندي ڀاشا پڻ سنسڪرت جي ڌيءَ آهي.

(٢٩) هر هندي فلم لڳہ ڀڳہ ساڳي جڻ ڏٺل لڳندي آهي، پر هرهڪ انگلش فلم جڻ هڪ اڻ ڏٺل خواب مثل لڳندي آهي.

(٣٠) ها، جڏهن سڄي دنيا کي شاه صاحب جي اعليٰ ڪلام جي ڀوجهہ پوندي.

(٣١) واسنا، جيڪا آتما جي ڀانهي آهي.

(٣٢) ها، توهان برابر آهيو، دنيا جي درگتي ڏسي شاعر روئندا رهن ٿا. ڀلا روئندڙن کي ڏسي، توهان کي کلڻ ڪيئن ايندو!

(٣٣) غربت، اڃا تائين دنيا مان ڪونہ مئي آهي.

(٣٤) ڪنهن کي بہ سمجهڻ مشڪل آهي، ڇو تہ ڪير خود پاڻ کي بہ سمجهي ڪونہ سگهيو آهي.

(٣٥) مؤت ۾ تہ فرق ڪونهي، پر هڪ شاهوڪار جي مرڻ سان پٺيان ڪيترا وارث شاهوڪار بڻجي پون ٿا، ليڪن ڪنگال جي مؤت سان ديش مان هڪ ڪنگال گهٽجي ٿو.

(٣٦) جيون جڻ سپنو آهي ۽ سپنو جيون نہ آهي. پر سچ نہ جيون آهي ۽ نہ سپنو ئي سچ آهي!

(٤٩) هن وقت دنيا اندر بادشاهه گهڻا وجي موجود رهيا آهن؟

(٥٠) دنيا ۾ دکي ڪير آهي؟

(٥١) آسماني ستارن ۽ سينما جي ستارن کي نزديڪ سان ڏسڻ
جي تمنا آهي؟

(٥٢) هرڪو ماڻهو، گهٽي قدر ڪورٽ ۾ دعويٰ ڪرڻ کان ڏڪندو
آهي؟

(٥٣) منهنجي هڪ دور جي مائٽياڻي آهي، اها طلاق وٺڻ ٿي
چاهي. ڪنهن کان صحيح صلاح وٺي سگهجي ٿي؟

(٥٤) اسين سڀ چاهيون ٿا صحيح ڳالهيون ڪريون، پر صحيح
ڇا آهي؟

(٥٥) سرڪار هوا تي ٽئڪس ڪڏهن وجهندي؟

(٥٦) علي بابا، ڇو چاليهه چور رکيا هئا؟

(٥٧) ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ڪيئن ثابت ڪجي؟

(٥٨) اڄڪالهه ڇوڪريون ڪهڙو گهوٽ گهرن ٿيون؟

(٥٩) ڪوڙ ڳالهائڻ ڪڏهن ضروري آهي؟

(٦٠) ڀارت ۾ ڪهڙا به انسان سدا امر ٿي ويا آهن؟

(٣٧) جيڪو صحيح، سڪميہ ۽ سنتوش واري جيون جيئي سگهي ٿو.

(٣٨) اڄ جي دؤر ۾ ڪارو ناڻو (Black - Money) ڪمائنو آهي يا جيڪو ناڻو ٿون خرچ ڪري رهيو آهين.

(٣٩) سڀ اڳيان حصا، ڇپن ڪان وٺي ڇرنن تائين جهڙوڪ ڇيست، ڇيلهہ ۽ وغيره وغيره.(ڪور پيج تي ڏسو).

(٤٠) مالهي پيار سان پئدا ڪيل گل ڦل پاڻ ڪٽي زر خاطر بازار ۾ وڪٽي ڇڏي ٿو. اهو دنيا جو دستور آهي ..... بس پاڻ کي سمجهائي رکہ.

(٤١) هن وقت ٻيا ڊڪٽيٽر تہ مري ڇڪا آهن، پر ڊڪٽيٽر ڊالر صاحب جو راڄ جاري آهي.

(٤٢) اکيون! سڀيئي راز دل جا ٻڌائين ٿيون اکڙيون، رهي چپ زبان تي مگر ڳالهائن ٿيون اکڙيون!

(٤٣) سڀيئي دکہ ملن ٿا. مگر هڪ سکہ ڏيندڙ شاهدي ملي ٿي تہ توهان اولاد پئدا ڪندڙ مردانگي رکو ٿا.

(٤٤) ٻنهي هڪ ٻي کي پئدا ڪيو آهي!

(٤٥) ها ٻڌو آهي، پر هرهڪ گوپيءَ کي هڪ ڪرشڻ هو، اهو بہ ٻڌو آهي.

(٤٦) پنهنجي حياتيءَ جي آخرين ڏينهن ۽ انتم پل جي خبر اصل ڪونهي!

(٤٧) عشق جي منزل اڻانگي آهي، ۽ پڇڻ وارا تہ ان ڏانهن وڃي بہ ڪونہ سگهندا!

(٤٨) ساڳيو ڪلاس (Same Class) هلي ٿو.

(٦١) ڀارت ۾ انگريزيءَ جو واڌارو، ڇا ٿو ڀڃائي؟

(٦٢) زندگي ۽ موت ڇا آهن؟

(٦٣) هندستان ۾ هن وقت تائين ڪهڙيون ڏه مکيه بهترين فلمون سمجهيون وڃن ٿيون؟

(٦٤) ماڻهوءَ جي بيماريءَ جي شروعات ڪٿان شروع ٿئي ٿي ۽ ڪٿي پهچي ٿي؟

(٦٥) ماڻهوءَ لاءِ دنيا ۾ سڀ کان سولو ڪاريه ڪرم ڪرڻ ڪهڙو بڻجي ٿو؟

(٦٦) بتي بند ڪري اکيون ڇا گهولهيندو آهيان؟

(٦٧) راحت ۽ رنج جو پاڙ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

(٦٨) ڇا، ماڻهوءَ لاءِ ڪم ضروري آهي؟

(٦٩) مردن جي سيني تي وار ٿين ٿا، پر استرين جي اها جڳهه صاف رهي ٿي؟

(٧٠) هن دنيا ۾ آدم جو سفر پٿر يگه (Stone age) کان پولار يگه (Space age) تائين هليو آهي پر هن وقت ڪهڙو يگه هلي رهيو آهي؟

(٧١) ماڻهوءَ لاءِ ٻه قيمتي چيزون ڪهڙيون آهن؟

(٧٢) انسان لاءِ ٻه قيمتي بيڪار چيزون ڪهڙيون آهن؟

(۴۹) هڪ انگلنڊ جي مهاراڻي ۽ باقي چار بادشاھ تاس جي
پتن ۾ موجود وڃي رهيا آهن.

(۵۰) 'نانڪ دکيا سارا سنسار' پر اهو سدا دکي آهي جيڪ
سڪھ جي تلاش ۾ جيئي ٿو.

(۵۱) مشڪل آهي! پر ڏهن ٻہ آسماني ستارن کي پنهنجي تارن
۽ خوردبينيءَ سان نزديڪ ڏسي سگهون ٿا ۽ سنيما جي
ستارن کي ٽڪيٽ خريد ڪري پردي تي ڏسي سگهون ٿا

(۵۲) ڇو تہ هرڪو ماڻھو، بي انصافي پائڻ کان پاڻ کي بچائڻ چاهيندو آهي

(۵۳) هاليووڊ جي حسين ديوي اليزابيٿ ٽائلر کان پڇيو تہ ڇو هو
هن وقت ستون دفعو طلاق وٺي رهي آهي. سٺي ۽ صحيح صلاح
ڏيندس. جيڪا هن کي وقت ٻہ وقت ڪم ايندي.

(۵۴) جنهن کي ڪير غلط ڇئي نہ سگهي!

(۵۵) ٻين سڀني چيزن تي ٽئڪس معاف ڪري ڀوءِ هوا تي
ٽئڪس وجهندي ڇو تہ اها هرڪو ٿو ڪتب آڻي، ۽ گورمينٽ
جي هول سيل ۾ انڪم وڌندي.

(۵٦) علي بابا اعليٰ چور هو، باقي چاليھ هنجي چور منسٽريءَ
جا منتري هئا.

(۵۷) هٽلر فرمايو هو تہ ڪوڙ کي سؤ دفعا دهرائڻ سان اهو سچ ٿي لڳندو آهي
۽ سچ کي نرود لڳائڻ سان انجو نتيجو ڪوڙ ٿي پوندو آهي.

(۵۸) ڇوڪريون گهوٽ گهرن ٿيون، جيڪو گهر ۾ ڪوئو هجي، بستري
تي گهوڙو هجي ۽ ڪمائڻ ۾ گڏھ ۽ خرچ ڪرڻ ۾ خچرا

(۵۹) گيتا جي قسم ڪٽڻ ڪانپوءِ .....

(٦۰) رام ۽ راوڻ امر ٿي ويا آهن.

(۷۳) اهو حوالا ڪانئ ڇا آهي؟ ڪجهہ سمجهائي ڏيو؟

(۷۴) سرگ نرڪ جي ڄاڻ تہ توهان کي ضرور هوندي؟ خبر ڏيو.

(۷۵) ڇا تي ويو آهي، ڀڳوان کي، پنهنجي لاءِ اوچا ۽ مهانگا
مندر ۽ ديول گهر جوڙائي رهيو آهي؟

(۷٦) ايشور جو روپ ڪنهن ڏنو آهي؟

(۷۷) استريءَ جا بہ مکيہ روپ ڪهڙا تين تا؟

(۷۸) ڇا پرماتما کي راضي ڪرڻ سولو آهي؟

(۷۹) فلم هيرو سپراسٽار راجيش کنا جي جيون جي هٽ (Hit)
فلم ڪهڙي آهي؟

(۸۰) ڪير ڪٿي اوهان جي بي عزتي ڪري تہ ....؟

(۸۱) ڪهڙو بزنس سٺو آهي؟ جيڪو ڪرڻ گهرجي.

(۸۲) آءٌ ڪير آهيان؟

(۸۳) ڪرشڻ وري ڪڏهن اوتار وٺندو؟

(۸۴) ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي تنهائي ڇو وڻندي آهي؟

(٦١) ٻڌائي ٿو تہ پل انگريز پارتواسين کي آزادي ڏيئي ويا آهن، ليڪن اسين غلاميءَ تي هري ويا آهيون.

(٦٢) زندگي هڪ عجيب جهميلو آهي، جنهن مان ڪيترائي ننڍا وڏا معملا پئدا ٿين ٿا ۽ انهن تمام بيشمار مسئلن جو انت آهي موت!

(٦٣) هندستان ۾ اڌ صديءَ کان وڌيڪ وقت ۾ ڪيتريون سئيون سٺل فلمون نڪتيون آهن، پر منهنجي خيال ۾ انمول گهڙي، بئجو بانورا، دو بيگها زمين، آواره، مدر انڊيا، پاڪيزه، مغل اي اعظم، ميرا نام جوڪر، شعولي ۽ مئني پيار ڪيا بهترين فلمون ثابت ٿيون آهن.

(٦٤) ماڻهوءَ جي بيماريءَ جي شروعات وات کان ٿئي ٿي ۽ بيماري گهٽي قدر هلي ٿي پيٽ کان، پهچي ٿي سانس تائين ۽ ختم ٿئي ٿي انتم سانس تي.

(٦٥) ٻالهيون ڪرڻ.

(٦٦) سميوڳہ جي جڳهہ.

(٦٧) ٻئي ڳڏ نڪا هلن، هڪ جي انت مان ٻئي جو آرنڀ ٿئي ٿو.

(٦٨) ها، بلڪل ضروري آهي، ڪم ماڻهوءَ کي ٽن قسمن جي براين ۾ ٻڏڻ کان بچائي ٿو، هڪ موڳائي، ٻيو شيطاني ڪرڻ ۽ ٽيون غريبيءَ کان پار ڪري ٿو.

(٦٩) راند جي ميدان تي ڳاهہ ڪونہ نڪندو آهي.

(٧٠) ملاوٽي، ڪاڪٽيل Cocktail يگہ، اڄ جي يگہ ۾ سڀ يگہ ساٿ ۾ هلي رهيا آهن. (ستيگہ، دواپور، تريتا، ڪليگہ ۽ سنگم يگہ وغيره)

(٧١) عزت ۽ صحت.

(٧٢) جواهرات ۽ سون.

(٨٥) جيڪڏهن اسان کي هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪرڻ جو قانوني اڌڪار ملي وڃي ته، ڇا اوهان کي ڪوئي اعتراض رهندو؟

(٨٦) اسانجي شاسترن ۾ گرو مهما گهٽي گهٽل آهي؟ ڇو؟

(٨٧) 'ڪولو' لفظ بدنام ڇو آهي؟

(٨٨) يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ ائبارشن کي جائز حق ڇو ڪين ڏنو وڃي ٿو؟

(٨٩) آدم جي اُنپتيءَ جو آستان ڪٿي آهي؟

(٩٠) توهان جي خيال ۾ ڪهڙي هڪ ڳالهه ڪٿي ۽ ماڻهوءَ جي وچ ۾ هڪ جهڙي ٿئي ٿي؟

(٩١) ڇا سهاڳه رات ملهائڻ لاءِ شادي ضروري آهي؟

(٩٢) ڀارت جي اسڪرين جي ٽن مکيه هيرو راجڪپور، ديوانند ۽ دليپڪمار جي بهترين هڪ هڪ فلم ٻڌائي سگهندا؟

(٩٣) ڀارت جي اسڪرين تي ٽن مکيه هيروئن نرگس، مينا ڪماري ۽ وجئنتيمالا جي هڪ هڪ بهترين فلم ڪهڙي رهي آهي؟

(٩٤) ڀارت جيٰ فلمي دنيا ۾ ڪهڙو هيرو بيحد لوڪپريه رهيو آهي؟

(٩٥) طلاق لاءِ ڇا ضروري آهي؟

(٩٦) ڪام ڪان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪجي؟

(٧٣) اهو وڏن شريفن ۽ نيتائن جو حال سمجهي، اوهان ڇا ڪندا؟
اگر توهان جهڙن عوام ديشواسين، اهو حوالا ڪانڊ سمجهيو
تہ پوءِ ملڪ ۾ جوالا ڪانڊ شروع ٿي ويندو.

(٧٤) سرڳہ نرڪ، عاشق ڇاڻين ڪين ڪي. اهي بہ اجايا اڪر
جهان وارن ٺاهي رکيا آهن. سرڳہ نرڪ آهن ڪونہ پر
هن ڌرتيءَ تي نظر اچن ٿا.

(٧٥) ڀڳوان، انسان جي بي سمجهائي وڏائي رهيو آهي!

(٧٦) ڪنهن بہ ڪونہ! پر ايشور جو سروپ قدرت جي ڪڻ ڪڻ
۾ سچاتو ويو آهي، اهو آهي ستيم شوم سندرم!

(٧٧) هڪ روپ ڪنواريءَ مان ڪنوار بڻجڻ ۽ ٻيو ڪنوار مان
مدر بڻجڻ.

(٧٨) خبر نہ آهي. پر خبر پيئي آهي تہ 'الائجي ڪنهن سان
راضي، الائجي ڇا ۾ راضي آهي؟'

(٧٩) 'آنند' مگر ويچاري جي جيون ۾ 'آنند' ڪڏهن رهيو ئي
ڪونہ آهي، سدا ڪٽي پتنگہ مثل رهيو آهي!

(٨٠) بي عزتي تہ ڪوٺي سڪي مثل آهي، آءٌ تہ قبول ئي ڪونہ
ڪندس.

(٨١) شو بزنس There is no business like showbusiness يا تہ
(Mind your own Business . جي اصول سان هلڻ گهرجي.

(٨٢) چون ٿا تہ آءٌ برهم آهيان. 'اهم برهم اشمي'

(٨٣) جڏهن اوهان ڪنس جو رول ادا ڪندا!

(٨٤) ڇو تہ اصل ۾ انسان تنهائيءَ جي عالم مان آيل آهي.

(۹۷) دنيا اندر روز ڪير هلچل مچائي وري پاڻ گم ٿي وڃي ٿو؟

(۹۸) دوست اگر دشمن بڻجي پوي ته ....؟

(۹۹) محبت کي عبادت چيو وڃي ٿو، اوهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

(۱۰۰) ڇا، انسان کي وويڪ ڌاري هر ڪاريه ڪرڻ گهرجي؟

(۱۰۱) پاڻ لاءِ ڪهڙيون پنج ڳالهيون ضروري آهن؟

(۱۰۲) پيارن جو قدر، دنيا ۾ گهٽي قدر ڇو ڪين رهي ٿو؟

(۱۰۳) هٿ ڪير رهندو؟

(۱۰۴) شيطان ڪنهن کي سڏجي ٿو؟

(۱۰۵) ڪهڙي ماڻهوءَ کي ڪو به دلبر دوست ڪونه ٿيندو آهي؟

(۱۰۶) بائيبل جي ڪتا ۾ ڌنوان کي بدنصيب ڇو سڏيو ويو آهي؟

(۱۰۷) انسان جو سچو دوست ڪير ٿي سگهي ٿو؟

(۱۰۸) ڇا، اها حقيقت آهي ته سرشٽيءَ ۾ چوراسي لک جوڻيون موجود آهن؟

(٨٥) ها، وڏو اعتراض رهندو ڇو ته لوڪشاهيءَ ۾ استرين ۽ پرش کي سمان يعنيٰ هڪ سريکا حق مليل آهن، انهيءَ لاءِ ذرا سوچيو .... سخت اعتراض اوهان خود ولندا!

(٨٦) ڇو ته .... گهڻي قدر مڙوئي شاسترگرن يا گرن جي آگياڪاري چيلن جا رچيل آهن. گرن ته هرووڙ پنهنجي مهما پاڻ ڳائي آهي يا چمچن کان ڳارائي آهي.

(٨٧) دڪان بزار ۾ هلي ٿو، مڪان گهٽيءَ ۾ رهي ٿو، پر بدنام ڪاروبار نه دڪان تي هلي ٿو ۽ نه مڪان ۾، جنهنڪري 'ڪوٺو' بدڪاريءَ ڪارڻ بدنام لفظ بڻجي پيو آهي.

(٨٨) اسان جو ملڪ وڌندڙ آدمشماريءَ کان پريشان آهي. جڏهن ته يورپ جا ملڪ گهٽجندڙ آدمشماريءَ کان چنتا ۾ آهن، ساڳئي وقت يورپي ملڪن ۾ جي اڌ کان مٿي آدمشماريءَ ۾ ناجائز ٻار آهن. انهيءَ ڪري يورپ جا ملڪ ائبارشن کي جائز ٺهرائي، پنهنجي آدم کي گم ڪرڻ ڪونه ٿا چاهن.

(٨٩) عورت جي ڏن هيٺان دبلي، آدم جي اُنپتيءَ جو آستان آهي.

(٩٠) ڪتي جو مڙيل پڇ سڌو ٿي نٿو سگهي ۽ ماڻهوءَ جو لوڀ ۾ قاتل من مڙي نٿو سگهي.

(٩١) بلڪل نه! پر شاديءَ کان پوءِ سهاڳ رات منائڻ ضروري آهي.

(٩٢) راجڪپور (آواره)، ديوانند (گائيڊ) ۽ دليپڪمار (ديوداس).

(٩٣) نرگس (مدر انڊيا)، مينا ڪماري (پاڪيزه) ۽ وجئنتيمالا (ساڌنا).

(٩٤) اميتاڀ بچن (Big - B)

(٩٥) شادي

(٩٦) ڪام ڪري.

(١٠٩) ڪهڙين حالتن زير اثر ماڻهوءَ جو ناءُ ناموس ګهٽجي وڃي ٿو؟

(١١٠) ڪٿي اڳر اوهان جي برابر عزت ۽ سنمان ڪونہ ٿئي تہ، اوهان ڇا ڪندا؟

(١١١) جنگہ جي شروعات ڪٿان ٿئي ٿي، صلح ڪير ٿو ڪرائي؟

(١١٢) قدرت جا ڪهڙا بہ نيارا روپ آهن؟

(١١٣) قدرت ڪهڙيون ګالهيون پنهنجي وس رکيون آهن؟

(١١٤) قدرت ڪهڙيون ګالهيون آدميءَ کي عطا ڪيون آهن؟

(١١٥) ڪافر ڪنهن کي سڏجي ٿو؟

(١١٦) جوانيءَ کي ديواني ڇو چيو وڃي ٿو؟

(١١٧) بدنام ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙو رستو وڃي بچي ٿو؟

(١١٨) شهزادي ۽ حرامزادي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

(١١٩) ماڻهوءَ کي عمر ۾ وڏو ڪير ڪري ٿو؟

(١٢٠) ڪهڙو ويچار ماڻهوءَ کي پوريءَ طرح جيئڻ نٿو ڏي؟

(٩٧) سورج مهاراج! پرڀات کان سنڌيا تائين هن جو راڄ هلي ٿو.

(٩٨) تہ اُنجي دشمنن کي دوست بڻائي رکو، اها چالکيہ نيتي سمجهي ڇڏيو.

(٩٩) محبت جي خيال کي پلي عبادت ڇئو، ليکن ان ۾ نہ خدا ملي ٿو ۽ نہ وري خدائي. آخر ۾ ائين چوڻو پوي ٿو، 'اي محبت تيري انجام پي رونا آيا. آج! هاء کيا بات هئہ هر بات پي رونا آيا.'

(١٠٠) مشکل آهي، پر انسان کي وويڪ ماري کوبہ کاريہ کرڻ نہ جڳائي.

(١٠١) پون، پاڻي، پيار، پئسو ۽ پوشاڪ.

(١٠٢) ڳاءِ کي جيستائين ٻچ هوندو آهي، تيستائين ان جو قدر کونہ هوندو اٿس، ۽ ٻچ بنا ڳاءِ ڦٽکي ڦٽکي جيون گهاريندي آهي!

(١٠٣) 'دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس.'

(١٠٤) جيڪو وحشين کي پڻ شهہ ڏيئي وڃي.

(١٠٥) ڪوڙي، ڪروڌي، ڪنجر، ڪافر ۽ قاتل کي کوبہ دلبر دوست کونہ ٿئي ٿو.

(١٠٦) اهو سچ آهي! ڏنوان هڪ ڏن پنيان ساري ٻڌي، ٻل خوشيون ۽ نعمتون نشاور کري جيئي ٿو ۽ هڪ ڏينهن خالي هٿ جهان مان هليو وڃي ٿو. اهڙي پرڪار هن جو جيون اڪارٿو وڃي ٿو. بائيبل ۾ چيل آهي تہ سئيءَ جي سوراخ مان اُٺ لنگهي سگهجي ٿو پر شاهوڪار سرڳ دوار پار ڪري کونہ ٿو سگهي.

(١٠٧) جانور، ڇو تہ اهو سوال جواب کونہ ٿو ڪري، نقطچيني کونہ ٿو ڪري، دشمني ڪڏهن بہ کونہ ڪري مالڪ سان سدا وفا ۽ آگيا ۾ هلي ٿو.

(١٠٨) ڌرتي، آڪاش ۽ پاتال اندر سوڪيہ پراڻي ۽ جاندار جيو ڪل چوراسي لکہ موجود آهن، پر کوبہ ودوان يا وگياني يا برهمگياني اڄا برابر جوڻيون ڳڻي کونہ ٻڌائي سگهيو آهي. تنهنڪري اهو چوراسي لکہ وارو ڏکو برابر ليکيو وڃي ٿو.

١٢١) مايا، ڪنهن کي ٿي پنهنجي چڪر ۾ ڦاسائي؟

١٢٢) انسان جي زندگاني تقدير جو کيل آهي يا تدبير جو تماشو؟

١٢٣) شاه صاحب جي رسالي مان ڪهڙي ڪلام اوهان کي متاثر ڪيو آهي؟

١٢٤) نيم حڪيم ڪنهن کي سڏيون ٿا؟

١٢٥) ائڊس (Aids) بيماريءَ جو سولو ۽ سستو بچاءُ ڪهڙو ٻڌايو وڃي ٿو؟

١٢٦) ڇا، ڌرتيءَ تي پرلئه اچڻ جو امڪان آهي؟

١٢٧) سڄي دنيا لاءِ هڪ سرڪار (One Government Rule) تي وڃي ته .....؟

١٢٨) رامائڻ جي شروعات ڪتان کان سمجهڻ گهرجي؟

١٢٩) عورت جي سونهن ڇا ۾ آهي؟

١٣٠) سماج اندر رواج سان هلجي يا عقل سان؟

١٣١) ڏيتي ليتي ڏيندڙ ڏوهي آهي يا وٺندڙ؟

١٣٢) سياڻو ڪير بڻجي سگهي ٿو؟

(١٠٩) سوارٿ، سستي، ساڙ، سچائي ۽ شڪست، انهن برين حالتن زير اثر ماڻهوءَ جو ناڻ ناموس گهٽجي وڃي ٿو.

(١١٠) ڪندس ڪجهہ ڪونہ، پر پاڻ کي سمجهائيندس تہ آءٌ اچا اهڙي عزت ۽ سنمان جي لائق ڪونہ بڻيو آهيان! پاڻ کي مٿيرو آڻڻ جي ڪوشش ۽ اُدم ڪندس.

(١١١) جنگ جي شروعات دماغ مان ٿئي ٿي ۽ صلح مجبوري ڪرائي ٿي.

(١١٢) هڪ قهري ۽ ٻيو رحمي. قهري روپ آهن، موٽ، زلزلو، آگ، ٻوڏ، طوفان ۽ قدرت جي رحمي روپ آهي، جيون، شانتي، پيار، آنند ۽ سنتوش.

(١١٣) قدرت کي ڳالهيون پنهنجي وس رکيون آهن، انهن ۾ مکيہ ڇهہ آهن : زندگي، موٽ، دک، سک، يش ۽ اپيش.

(١١٤) قدرت ڇهہ ڳالهيون آدميءَ کي عطا ڪيون آهن، اُهي آهن : ڪرم، اُدم ڪرڻ، ٻڌي ٻل وڌائڻ، آچار، ويچار سان هلڻ.

(١١٥) شخص، جيڪو خدا جي خدائي ۽ خدا جي ڪنهن بندي تي اعتبار نٿو رکي، اهو ئي ڪافر سڏجي ٿو.

(١١٦) در حقيقت جواني هڪ نشو آهي ۽ نشي جو اثر ۾ داناءُ بہ ديوانا ٿي پوندا آهن، انهيءَ ڪري جوانيءَ کي ديواني چيو وڃي ٿو.

(١١٧) وڏيڪ بدناميءَ ڪري، بدناميءَ جي انتها ٿي پهنچي ۽ پوءِ پاڻهي بدنامي ۽ بدنام انسان جو انت ايندو.

(١١٨) بادشاه کي ملڪہ بيگم مان جيڪي ٻار ڄمندا هئا، اُهي شهزادا ۽ شهزاديون سڏبا هئا، باقي - ٻانهن، داسين، ڪنيزن ۽ رقاصائن عورتن مان جيڪي اؤلاد ٿيندي هئي، انهن کي حرامزادا سڏيو ويندو هو.

(١١٩) سندس ٻار ۽ صفيد وار.

(١٢٠) نرآشائيءَ جو ويچار ماڻهوءَ کي پوريءَ طرح جيئڻ نٿو ڏي.

(۱۳۳) هندستان جي فلمي دنيا اندر هن مهل ڪائين ڪهڙي هيروئن اوهان کي بيحد خوبصورت لڳي آهي؟

(۱۳۴) ڇا، شادي ڪرڻ انسان لاءِ لازمي آهي؟

(۱۳۵) هن سنسار مان انسان گم ٿي وڃن ته ......؟

(۱۳۶) شاهوڪار ڪنهن کي سڏجي ٿو؟

(۱۳۷) اوهان ڪنهن کي چاهيندا آهيو؟

(۱۳۸) عورت جي جواني ڪيترو جٽاءُ ڪري ٿي؟

(۱۳۹) سنگيت، ڪلا آهي، آواز آهي يا ڀاشا آهي؟

(۱۴۰) ماڻهوءَ کي ڪنهن کان ڏڪڻ گهرجي؟

(۱۴۱) مرد، ڪنهن کي چئجي ٿو؟

(۱۴۲) استري ڇا آهي؟

(۱۴۳) دنيا ۾ ڪهڙي ڳالهه ماڻهوءَ جي وس ۾ ڪونهي؟

(۱۴۴) هندو ۽ مسلمان جي موت جو انجام ڇا آهي؟

(۱۲۱) بد نصيبن کي، اهڙن مالڪن وٽ مايا ازخود وڃي پهچي ٿي، پوءِ انهن جي جيون مان گيان، آنند، پريم ۽ سک کي ڀڄائي ڪڍي ٿي، مايا پاڻ سان گڏ آلي ٿي اگيان، عيش، ايمان ۽ اگهائي، آخر ۾ مايا پنهنجي چڪر ۾ بدنصيبن کي لوڙائي، روئاري، انهن جو انت آڻي ٿي.

(۱۲۲) تقدير ۽ تدبير، ٻئي ماٺيليون پينرن جيان هلنديون رهن ٿيون پر شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لکيو آهي:

'ڇاجي ڏنگا ڏير؟ منهنجو ڏينهن ۾ ڏنگو ٿي ٿيي!
هي ڪميٽي ڪير؟ جا اهڙ کي آڏو ٿري.'

(۱۲۳) شاه صاحب جو سمپورڻ رسالو هڪ اعليٰ احوال آهي، هر ڪلام فيلسوفيءَ جو ڪمال آهي، پر هرڪنهن کي متاثر ڪري ٿو :

'پريان سندي پار جي، مڙئي مٺائي،
ڪانه ڪڙائي، چکين جي چيتئ ڪري.'

(۱۲۴) جنهن جي علاج سان مريض زندگيءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، سمپورڻ آرام پائي سگهي.

(۱۲۵) 'نروڌ'، مگر اهو ڊاڪٽرن جو هڏايل علاج ڪونہ آهي، فقط نروڌ ڪمپنين جو پرچار آهي.

(۱۲۶) پرلئہ هڪ قدرتي ايڪسيڊنٽ آهي ۽ ايڪسيڊنٽ جو امڪان ڪنهن بہ وقت ۽ سدائين رهي ٿو، ڌرتيءَ تي پرلئہ ڪنهن پل پڻ اچي سگهي ٿي! شاسترن موجب هن صديءَ جي انت ۾ دنيا جو انت ايندو!

(۱۲۷) ..... تہ آمريڪا، ڪنگال ملڪ ٿي وڃي.

(۱۲۸) سوني هرڻ جي نظر اچڻ واري وارتا کان پوءِ رامائڻ جو آرنڀ ٿئي ٿو.

(۱۲۹) ٽين ايج (Teen - age) ۾! بالي ٻڌاپي ۾ استريءَ جو شرير ڀڳل ڪوڪي جيان لڳندو آهي.

(۱۳۰) سماج اندر عقل وارا رواج سان هلندا آهن، پر هوشيار، حريف ۽ هوند وارا پنهنجا پنهنجا رواج شروع ڪندا آهن.

(۱۳۱) ڏيتي ليتي ڏيندڙ لاچار آهي ۽ وٺندڙ نامراد ۽ ڏوهي اهو آهي، جنهن لاءِ ڏيتي ليتي ڏني وڃي ٿي، ظلم سهڻ وارو وڏيڪ گنهگار آهي!

(۱۳۲) جيڪو مورکن کان سکي سگهي ٿو.

(۱۴۵) سنڌين کي سائين ڇو سڏيو ويندو آهي؟

(۱۴۶) بمبئيءَ ۾ الڪل ڪيترا ڪروڙپتي رهندا هوندا؟

(۱۴۷) دنيا جي شروعات ڪڏهن کان ٿي آهي؟ ۽ ڇا سنسار جو انت ٿيندو؟

(۱۴۸) راجڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟

(۱۴۹) سنو ۽ سڱل ويڪتا (Oritor) ڪنهن کي سڏجي ٿو؟

(۱۵۰) ڇڪي جو مطلب ڇا آهي؟

(۱۵۱) گيتا جو اُلويهون اڌياءُ ڇو ڪين پڙهيو ويو؟

(۱۵۲) گناهن جي جڙ ۽ ڦل پڙهيو؟ تہ مهرباني ٿيندي.

(۱۵۳) رات وڏي ڪڏهن ٿيندي آهي؟

(۱۵۴) هن جهان ۾ سڀ کان وڏو راز ڪهڙو آهي؟

(۱۵۵) مهاوير جين پنهنجي شرير تان ڪپڙا ڇو لاهي ڇڏيا هئا؟

(۱۵۶) پنهنجي محبوبا کي خوش رکڻ جو سولو، سستو ۽ سنو مارگ ڪهڙو آهي؟

(۱۳۳) خوبصورت ۽ بيحد خوبصورت هيروئن ته گھڻيون ئي ٿي گذريون آهن، ۽ موجود آهن، مگر منهنجيءَ دل کي جيڪا هن مهل تائين سندر لڳي آهي، اها آهي مڌو بالا، توکي ڀلي روينا ٽنڊن مست مست لڳي يا پوڙهي چترڪار فدا حسين کي ماڌوري ڊڪشت فدا ڪيو هجي! هرڪو دل جو راجا آهي!

(۱۳۴) لازمي ته ڪونه آهي! پر گھڻي قدر ضروري آهي، ڇو ته جيئڻ واسطي سک ڏک، مزا آزار، جهيڙا فساد، سوال ۽ انيڪ مسئلا ۽ معملا، شادي پيدا ڪري ٿي ۽ بنا شادي، اهي لک لنگھڻا ڪونه ٿا پون، تنهنڪري شادي ڪرڻ ضروري آهي پر لازمي ڪونهي.

(۱۳۵) ..... ته ڀڳوان جو نالو به ڳم ٿي ويندو!

(۱۳۶) جيڪو ماڻهو غريب کان پئسي ۾، ڏک ۾، ڪنجوسائيءَ ۾، وڌيڪ هجي!

(۱۳۷) جيڪا مون کي چاهيندي آهي!

(۱۳۸) عورت جيستائين امڙ ڪونه بڻي آهي.

(۱۳۹) سنگيت ڪلاڪارن جو سريلو ساز آواز آهي ۽ انترراشٽريه مڌر ڀاشا آهي.

(۱۴۰) ماڻهوءَ کي وقت به وقت، وقت کان ڊڄڻ گهرجي، ڇو ته 'آدمي کو چاهئي وقت سي ڊر ڪر رهي، ڪوئن جاني ڪس گھڙي وقت ڪي بدلي مزاج.'

(۱۴۱) جنهن کي عورت مڃيندي رهي ٿي.

(۱۴۲) استريءَ کي ڪي ٿا چون ڀرولي، ڪي صندلي، ڪي تتلي، پر آءٌ عورت لاءِ ڪجهه ڪونه ٿو چوان ڇو ته هوءَ سڀ ڪجهه آهي!

(۱۴۳) بنا بريڪ واري گاڏي ڪنٽرول ۾ هلائڻ ۽ پاڻ کي موت کان بچائي رکڻ!

(۱۴۴) هندو رکي، مسلمان ملي.

(١٥٧) رواجي ۽ غير رواجي انسان کي ڪهڙي نموني سڃاڻي سگهجي ٿو؟

(١٥٨) هڪ گياني اُپديشڪ فرمايو ته ’آءٌ شرير ڪونه آهيان!‘ ڇا اهو اُپديشڪ سچيءَ ٻولي رهيو هو؟

(١٥٩) توهان، ڪڏهن پاڻ کي هوشيار سمجهيو آهي؟

(١٦٠) اڇا ٻه، چنڊ جي پيٽ معشوقا سان ڇو ڪئي وڃي ٿي؟

(١٦١) هن وقت تائين، توهان جو گهڻن عقلمندن سان ملڻ ٿيو آهي؟

(١٦٢) گهر ۾ هڪ T. V. Set ۽ گهر ۾ ميمبر چوڏهان، ٽي.وي ۽ ۾ چئنل چوڏهان، ته ان گهر ۾ ڇا ٿيندو؟

(١٦٣) محبت جو مطلب ڇا آهي؟

(١٦٤) سادگيءَ سان رهڻ سنو آهي؟

(١٦٥) سنسار ۾ اگر عورت جنم نه وٺي ها ته ......؟

(١٦٦) اوهان کي شخي ۽ فراخدل انسان ڪٿي نظر ايندو آهي؟

(١٦٧) آدميءَ لاءِ عمدي ۾ عمدي نصيحت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

(١٦٨) سنسار جي سيني جيون ۾ ڪهڙو هڪڙو اهڙو پراڻي آهي جيڪو ڪرنگهي ٿي سڌو بيهي هلي سگهي ٿو مگر ڏنگا ڪم ۽ وهنوار ڪندو رهي ٿو؟

(۱۴۵) سائين معنيٰ مالڪ، اسين سنڌي نوڪر ٿي لڳندا آهيون
مالڪ بڻجي مرندا آهيون، جتي به رهندا آهيون، سدا سائين
۽ ساوا بڻجي رهندا آهيون.

(۱۴۶) بمبئي شهر جي مرين ڊرائيور روڊ تان سڄي ڏينهن ۾ تيز
هلندڙ جيتريون موٽر ڪاريون ڳڻي سگهجن، اوترائي ڪروڙپتي
بمبئي نگريءَ ۾ رهندا آهن.

(۱۴۷) دنيا جي اتهاس جا پهريان پيج ڦاٽل آهن، جنهنڪري ڪير ٻڌائي ڪون
سگهندو ته دنيا جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ مگر لڳي ٿو سنسار جي انتم
صفحي تي لکيل هوندو، آد سچ، جڳاد سچ، نانڪ هو سين ڀي سچ.'

(۱۴۸) ڪارو ناڻو، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪاغذن تي ڪجهه ڪاريه ڪرم
پيش ڪرڻ ۽ بس.

(۱۴۹) جيڪو وڏا خواب ڏيکاري، گهڻا دلاسا ڏيئي سگهي. ٻڌندڙ جي دلين
۾ اڳي ڪان وڌيڪ بي آرامي ۽ بي قراري پيدا ڪري، مطلب ڳالهائي
گهڻو، ليڪن حاصل مطلب ڪجهه به حاصل ڪونه ٿئي!

(۱۵۰) جنهن شخص ۾ سيڪس جو ستون حواس نه هجي باقي ڇهه
حواس هجنس.

(۱۵۱) الويهون اڌياءُ ٻڌايو وڃي ها تڏهن به توهان سوال ڪيو ها ته ويهون
اڌياءُ ڇو ڪين لکيو ويو. وري ڀارت ۾ جڏهن ٻي مهاڀارت يڌ لڳندي
تڏهن اوهان اگر جيئرا هوندا ته اوهان جي اڇا پوري ٿيندي!

(۱۵۲) گناهن جي جڙ جوئا ۽ ڦل مهاڀارت يڌ!

(۱۵۳) جڏهن نيڻن مان ننڊ موڪلائي ويندي آهي!

(۱۵۴) خدا جو هڻڻ!

(۱۵۵) مهاوير کي عمر گذارڻ ڪانپوءِ ياد آيو ته مان ننگو جائو هوس.

(۱۵۶) دنيا جو آزمايل طريقو آهي : 'ته هڪ مهني ۾ گهٽ
ٻه دفعا محبوبا کي ضرور چئو ته، 'تون ڏاڍي خوبصورت آهين!'

(١٦٩) عوام ۾ ڪهڙن ہن مکيہ قسمن جا ماڻهو ٿين ٿا؟

(١٧٠) ڪهڙو ماڻهو سدا دکي رهي ٿو؟

(١٧١) پيار ڇا آهي؟

(١٧٢) يار ڪنهن کي ڪجي؟

(١٧٣) دادا، پائو ۽ باس، ڪنهنکي سڏبو آهي؟

(١٧٤) وقت ڇا آهي؟

(١٧٥) سنسار ۾ سڀ کان قيمتي ڇا آهي؟

(١٧٦) پوري سنسار جي پراڻين ۾ ماڻهو ئي ڇو دکي آهي؟

(١٧٧) مون کي پريمڪا چيو آهي تہ، ’ آڪاش جا ستارا آڻي ڏي.‘ انهيءَ لاءِ هڪ هفتي جي مهلت ملي آهي، مگر لڳي ٿو اهو سڀ ڪجهہ ناممڪن آهي، اوهان ئي هن ڏس ۾ ڪا سهايتا ڪريو؟

(١٧٨) زندگي خواب آهي؟ اڪثر ائين ڇو چيو وڃي ٿو؟

(١٧٩) ڪهڙي ماڻهوءَ جو خير ڪونهي؟

(١٨٠) گيتا جو، اگر هڪ شبد ۾ گيان گهرون تہ ڪهڙو شبد اُچارينداا؟

(١٥٧) سولي سڃاڻپ آهي، رواجي انسان ۾ اوگڻ گهٽ ٿيندا آهن، مگر غير رواجي انسان ۾ گڻ ۽ اوگڻ ٻئي گهڻا ٿيندا آهن.

(١٥٨) ها، آرڊ ستيه ٻولي رهيو هو، ڇو ته هي شرير آهي، اڪيچار جرمس (Germs) ۾ بئڪٽيريا، سوڪيم، جنتن ۽ بيشمار وائرس جو گهر.

(١٥٩) ها، ڪڏهن، ڪڏهن جڏهن آءٌ هوشيارن کي سمجهي وٺندو آهيان!

(١٦٠) چنڊ، هڪ شاهي ريگستان ۽ بيابان آهي، ساڳي نموني معشوقا پڻ رڃ جو خوبصورت لفاءُ آهي.

(١٦١) بيحد گهڻن مورکن سان، ڇوته جيڪي ملندا آهن، اُهي پاڻ کي ڏاڍو عقلمند سمجهندا آهن.

(١٦٢) ..... ته اهڙي گهر ۾ روز گهرو لڙائي (Civil - War) لڳندي رهندي.

(١٦٣) محبت بي مطلب ٿيندي آهي! تنهنڪري محبت جو مطلب ٻڌائڻ مشڪل آهي. محبت هڪ احساس آهي، جنهن جي لهس فقط محبت ڪرڻ وارا ڄاڻيندا آهن ۽ ٻڌائيندا به ڪين آهن.

(١٦٤) ها، مگر سادن ۽ ساڌن انسانن لاءِ، ڇو ته اُهي سادگيءَ ۾ اچ رهي ڪونه ٿا سگهن. عوام کي اُچو رهڻ ۽ اُچا ويچار رکڻ گهرجن

(١٦٥) ..... ته، نه تون هجين ها ۽ نه مان ..... نه ڪو سوال هجي ها ۽ نه وري ڪو جواب!!

(١٦٦) بئنڪ ڪلارڪ . ڪائونٽر تي، جيڪو سيني کي رقم ڏيندو رهندو آهي، ان جهڙو ڀلا فراخدل ڪير ٿي سگهندو!

(١٦٧) ته آدمي، آدمي بڻجي جيئندو رهي!

(١٦٨) اهو پراڻي فقط انسان آهي!

(۱۸۱) سُکي کنهن کي سمجهڻ گهرجي؟

(۱۸۲) ڀارت جي سڀني پرڌان منترين، ڀاڳ کي لوڪپريہ ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ڪو نعرو ھنيو آھي، ليڪن نرسمها راو اڃان چپ آھي؟ اوھان جيڪر ڪيس ڪھڙو نعرو لکي موڪليندا؟

(۱۸۳) ماڌوري ڊڪشت، اڃا شادي ڇو ڪين ٿي ڪري، آخر ڪنھن سان ڪندي، ڀاڳڪي چنتا ٿي پئي آھي؟

(۱۸۴) پنجاھہ سال اڳ، انگريز فخر سان چوندا ھئا تہ سندن جي حڪومت تان سج ڪڏھن لھي ئي ڪونہ ٿوا پر ھاڻي سج کي ڇا ٿيو آھي؟

(۱۸۵) سڳيءَ پيٽ ۽ ڌرم جي پيٽ جي رڪڙيءَ ۾ ڪھڙو ڀيد آھي؟

(۱۸۶) لوڪشاھيءَ ۾ وروڌي ڌر (Opposite - Party) ڇو ضروري آھي؟

(۱۸۷) جھڳڙي لاءِ ڇا ضروري آھي؟

(۱۸۸) ڪھڙي ماڻھوءَ کي اوھان ڇڙو چوندا؟

(۱۸۹) گل گلاب جو ڪنڊن ۾ پڻ ڪلندو جھومندو رھي ٿو؟

(۱۹۰) ماڻھو اڪثر ڪري ڪھڙيءَ غلطيءَ جو شڪار رھي ٿو؟

(۱۹۱) محبت جو انت ...؟

(۱۹۲) وگيان موجب انسان پڻ بنيادي طور جانور آھي، پر ٻيو ڪوبہ جانور ھارٽ اٽئڪ جو شڪار ڪونہ ٿئي ٿو، سواءِ ماڻھوءَ جي؟

(١٦٩) (١) ڪم ڪندڙ ۽ ٻيا گھڻا گھٽ ٻالهائيندڙ
(٢) ڪم ڪندڙ ۽ ٻيا ڪم جو شرف (Credit) کڻندڙ
(٣) ڪم ڪندڙ ۽ ٻيا نقطچيني ڪندڙ.
(٤) ڪم ڪندڙ ۽ ٻيا ڏاڍو گھوڙ ڪندڙ.
(٥) ڪم ڪندڙ ۽ ٻيا شڪايتون ڪندڙ.
انهن ماڻهن ۾ ٻيو قسم هر قوم ۾ هر سنسٿا ۽ جماعت ۾ وڌيڪ رهي ٿو.

(١٧٠) خود غرض! خود مطلبي سدا دکي!! جو نہ خود مطلب ماڻهو ڪنهن کي بہ خوش ڪري نٿو سگھي ۽ آخر ۾ خود غرض خود جي دکي دلدل ۾ خود خلاص ٿي وڃي ٿو نہ خدا مليس ٿو ۽ نہ خلق ۾ پيارو لڳي ٿو.

(١٧١) هڪ پيارو دوکو!

(١٧٢) جنهن کي ڪو ٻار نہ هجي.

(١٧٣) توهان کي جنهنجو نالو وٺڻ جي همت نہ هجي!

(١٧٤) وقت ڪونهي، گھڙيال ڏانهن ڏس، جو نہ وقت ٻڌائيندو ڪونهي - پر هلندو رهندو آهي.

(١٧٥) توهان جي جان! اگر جان آهي تہ جهان جي هر قيمتي چيز جو توهان اگھہ پڇي سگھو ٿا ۽ اگھہ ادا بہ ڪري سگھو ٿا.

(١٧٦) سکي بہ ماڻهو آهي! پر پوري سنسار جي پراڻين ۾ ماڻهو ئي چاهت ۽ ترشنا رکندڙ جيو آهي، چاهت جو انجام مصيبت ۽ ترشنا جو ڦل ڪليش آهي. انڪري ماڻهو دکي پڻ آهي.

(١٧٧) اها بلڪل سولي ڳالهہ آهي، اڄ ئي اوهين آڪاش جي گرد تارن ستارن جي هڪ ڪئسٽ، نهرو پلئٽرونيم مان خريد ڪري آڻي هٿ ۾ ڏيوس!

(١٧٨) جو نہ خواب صرف زنده ماڻهو لهندا آهن!

(١٧٩) جيڪو ماڻهو، ماڻهن جو خيرخواهہ ڪونهي.

(١٨٠) گيتا شبد کي اُلٽو لکو تہ 'تياگ' بڻجي پوندو، اهوئي شبد ڪيول گيتا جو گيان جاتو ويو آهي. ڪورن مري پنهنجي راڄ جو تياگ ڪيو ۽ پاندو راڄ پاڻہ تياگ ڪري هماليہ ڏانهن هلي ويا.

(۱۹۳) ماڻھوءَ لاءِ وڏو گناھ ڪھڙو سمجھيو ويندو آھي؟

(۱۹۴) ڇا، اوھان پنر جنم ۾ وشواس رکو ٿا؟

(۱۹۵) ماڻھوءَ کي پنھنجي جان ڪھڙن آدرشن ۽ مدن واسطي قربان ڪرڻ گھرجي؟

(۱۹۶) ڇا جيون ۾ آنند فقط انسان ئي ماڻي سگھي ٿو؟ ليڪن اُھو آنند آڻيون ڪٿان؟

(۱۹۷) دنيا ۾ سڀ کان وڏو ڇا آھي؟

(۱۹۸) مان ٻي شادي ڪري سگھان ٿو؟

(۱۹۹) پئسو ڪنھن کي ڏجي؟

(۲۰۰) ڪھڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جڳائي؟

(۲۰۱) وفادر ڪير آھي عورت يا مرد؟

(۲۰۲) توھان، اھو سڀ حاضر جوابي ۽ لاجوابي ڪنھن کان سکيا آھيو؟

(۲۰۳) ڀارت ديش جي موجوده دؤر ۾ گراوٽ ڏسي، اوھين ڇا سوچيو ٿا؟

(۲۰۴) ڀڳوان ڇا آھي؟

(١٨١) چيو وڃي ٿو تہ هيءُ دنيا سک دک جي نگري آهي. هر ڪنهن ڪي پنهنجا پنهنجا دک ۽ ٿورا سک بہ آهن. پر اڄ جي سميہ ۾ سکي ان کي سمجهڻ گهرجي، جيڪو سٺي ننڊ ڪري ٿو، کاڌو هضم ڪري سگهي ٿو ۽ ٿورو بئنڪ بئلنس جمع اٿس.

(١٨٢) نرسمهاراءُ نعري بازيءُ مان ڪونہ ڊڄي، هو چپ چاپ پارٽ جو پرڌان منتري بڻيو، چپ چاپ پنهنجو ٽرم پورو ڪيو، ڪو لهر لوڏو ڪونہ آيس. آءُ جيڪر ڪيس نعرو لکي ڏيان ’ هم چپ رهينگي ليڪن راڄ ڪرينگي.‘

(١٨٣) اوهان پريشان نہ ٿيو، اوهانکي ڪجهہ حاصل ڪونہ ٿيندو، ماڌوري خود ڪنهن اهڙي مهاوير ورڌمن جي تلاش ۾، پوري دنيا جو ٽور ڪري ٿڪجي پئي آهي، هاڻي خود کي تقدير جي حوالي ڪيو اٿائين! توهان پنهنجي قسمت آزمائي سگهو ٿا.

(١٨٤) سچ بہ پاڇا آهي، اهو سرشٽيءُ جو نيم آهي.' هن وقت اهو ساڃيو سچ ڏنڊ سبب انگلنڊ مٿان پڻ ڪڏهن ڪڏهن ٿو اڀري!

(١٨٥) رڪڙيءُ ۾ ڀيد ڪونهي! ليڪن سڀئي پيڻ رڪڙي نہ هڏي تہ بہ پيڻ آهي، پر ڌرم جي پيڻ هر سال رڪڙي هڏي تہ بہ شڪ آهي.

(١٨٦) جيئن حڪمران ڌر (Ruling Party) پنهنجا سمورا ڏوهہ، اَن مٿان مڙهي سگهي.

(١٨٧) گهٽ ۾ گهٽ ٻن جو هئڻ ۽ ٻيو ناسمجهيءُ جو وڌڻ.

(١٨٨) جيڪو چڱو لڳي!

(١٨٩) روئندڙ، آنسو وهائيندڙ انسانن کي نصيت ڏيڻ لاءِ!

(١٩٠) ماڻهو اڪثر انهيءُ غلطيءُ ۾ رهي ٿو تہ ’ مان ٻين جي مدد کان سواءِ رهي سگهندس.‘ پر سندس اعضيم غلطي اها آهي تہ هو سمجهي ٿو ’ٻيا مون کان سواءِ هلي نہ سگهندا.‘

(١٩١) محبت جو انت ڪونهي، محبتي پيا مرندا ۽ ڄمندا!

(١٩٢) سڀ جانور، رکو انسان کي ڇڏي قدرت جي رُتُ موجب هلن ٿا. ماڻهو ئي قدرت جي هر ڏس ۾ برخلاف هلي ٿو ۽ هارٽ اٽئڪ جو شڪار بڻجي ٿو.

(۲۰۵) دنيا اندر اگر استرين جي حڪومت هلي پوي ته ...؟

(۲۰۶) گيان ڪنهنکي تو ڪپي؟

(۲۰۷) ڇا سڀ گُالهائڻ ضروري آهي؟

(۲۰۸) هندستان ۽ پاڪستان ملي هڪ ٿي وڃن ته ....؟

(۲۰۹) دنيا ۾ اگر ٽئين مهاڀاري لڙائي (World - War III) لڳي پوي ته....؟

(۲۱۰) اعتبار ڪنهن تي ڪري سگهجي ٿو؟

(۲۱۱) استريون گنجيون ڇو ڪونه ٿينديون آهن؟

(۲۱۲) پيار ۾ شادي ڪرڻ چڱي آهي؟

(۲۱۳) قيامت ڪڏهن ايندي؟

(۲۱۴) مايا، ڪايا ۽ ڇايا جو سنگم ڪٿي ڏسي سگهون ٿا؟

(۲۱۵) هن وقت اوهان اڳيان ڪهڙو سوال آهي؟

(۲۱۶) ڪو اهڙو چرچو ٻڌايو، جنهن ۾ سڀ ۽ ڪوڙ شامل هجن؟

(۱۹۳) 'نہ ڪو گناهہ آهي، نہ ڪو ثواب' اهي ٻئي من جا سنڪلپ آهن. باقي شاعر ٻلي شاهہ فرمايو آهي تہ، 'بيشڪ مندر مسجد توڙو، ٻنو گنهگار، پر پيار ڀرا دل ڪڀي نہ توڙ. جس دل ۾ دلبر بسي.'

(۱۹۴) خبر نہ آهي، هي پنهنجو ڪائون جنم آهي، پر مان سمجهان ٿو تہ، 'جيون هڪ ڌارا آهي، اها ٻنڌنن کان مڪت آهي، باقي پنر جنم هڪ جڻ ڊڪشنريءَ جو حرف آهي، جنهنڪي حقيقي ارٿ ڪونهي.'

(۱۹۵) (۱) ماترڀوميءَ جي آن لاءِ ... جهانسيءَ جي راڻي جان قربان ڪئي آهي.
(۲) مهان آدرش لاءِ ... گرو تيغ بهادر صاحب قرباني ڪئي آهي.
(۳) منش جاتيءَ لاءِ ... ابراهيم لنڪن قربان ٿيو آهي.
(۴) پنهنجي مان سؤمان لاءِ ... راڻي پدمڻي، ڪروڙاوتي ۽ راڻي لاڏلي ٿئي هئي.
(۵) سڀ لاءِ جان قربان ۽ يسوع مسيح ڪري ڇڏي آهي.

(۱۹۶) ها! جيئن ڪل خوشي ۽ روئڻ فقط انسان لاءِ ئي آهي تيئن 'آنند' پڻ منش ئي ماڻي سگهي ٿو، ليڪن انسان جي هڪ ڪلهي تي سدا سوار آهي لوڀ ۽ ٻئي ڪلهي تي سوارٿ، انهيءَ ڪري انسان جي جيون مان سنتوش موڪلائي ويو آهي ۽ سنتوش ئي 'آنند' آڻي سگهندو آهي.

(۱۹۷) دنيا ۾ سڀ کان وڏو خيال آهي. خيال ڪرڻ سان توهان سڀ کان وڏو خود کي محسوس ڪري سگهو ٿا.

(۱۹۸) ها، اگر توهان جي پتني بہ ٻي شادي ڪري ڇڏي تہ پوءِ!

(۱۹۹) جنهن وٽ گهڻو پئسو هجي، اهو دنيا جو دستور آهي.

(۲۰۰) ڇوڪري جيڪا عمر، عقل، عهدي ۽ اونچائيءَ ۾ اوهان کان گهٽ هجي پر سونهن سوڀيا، سيرت، سهنشيلتا ۽ صبر ۾ توهان کان سرس هجي.

(۲۰۱) اوهان جون پنجئي آڱريون برابر آهن؟

(۲۰۲) ' نا هم خدا سي سيکي هئين، اور نا ڪسي اور سي سيکي هئين، جو ڪڇ ڀي سيکي هئين وہ پيار اور هار مين سيکي هئين.'

(۲۰۳) ڪجهہ بہ نہ! ڪوبہ پارٽ لاءِ نٿو سوچي، پرڌان منتري بہ پنهنجي لاءِ سوچي ٿو. مونکي لڳي ٿو پارٽ جي اُٿان لاءِ پنجويهون اوتار جنم وٺندو، ائين ڪرشڻ گيتا ۾ چيو آهي!

(۲۰۴) ڀڳوان هڪ خيال آهي، جيڪو حقيقت ۾ ڏسجي ٿو، هر طرف ان جو جمال ڏسجي ٿو!

(٢١٧) آءٌ پلاءِ ڪائڻ جو شوقين آهيان، اوهان مهرباني ڪري الڳ الڳ قسمن جي پلاون جا نالا ڏيو تہ اُهي تيار ڪرائي ڪائي سگهان؟

(٢١٨) هر فلم ۾ هيرو ڇو هوندو آهي؟

(٢١٩) توهان ڪنهنکي آئي موڪن جي قطار ۾ بيهاريندا؟

(٢٢٠) پيار کي ڪهڙو رنگ ڏئي تو؟

(٢٢١) ڇا گيان پراپتي ضروري آهي؟

(٢٢٢) حياتي ڪهڙن ضدن ۾ هلي ٿي؟

(٢٢٣) خود مطلبيءَ کي ڪهڙي سزا ڏيڻ گهرجي؟

(٢٢٤) ڇٽو ٿيڻ ڇٽو آهي؟

(٢٢٥) اڄ جو ماڻهو ڇاهي ڇا ٿو؟

(٢٢٦) ڪهڙا ويچار انسان کي جيون ۾ مهان ۽ سڦل بڻائن ٿا؟

(٢٢٧) ماڻهوءَ کي ڪهڙو خيال ماري ٿو؟

(٢٢٨) ڊپ کي ڪير ٿو ماري؟

(۲۰۵) .... ته دنيا جي تباهي اچڻ ۾ دير ڪونه لڳندي. ڇاڪاڻ ته استري جاتي پنهنجو پاڻ ۾ پورڻ ڪونه آهي، هوءَ ول جيان آڌار رکندڙ آهي. ڪابه استري سمپورڻ ڪلا ڌاري ڪونه ٿي سگهندي. اهو قدرت جو نيم رهيو آهي، استريءَ ۾ ڪيترائي عيب ۽ ڪميون رهن ٿيون. ڪنهن گهر ۾ استريءَ جو راڄ هوندو ته، اهو گهر سماج کان الڳه ڪنجي ويندو. عورت اگر ڏنڊو واپار ڪندي ته واپار ۾ برڪت نه ايندي. اهڙي نموني اگر زال حاڪم ٿي راڄ ڪندي ته ملڪ جي سڌي يا اسڌي نموني تباهي اوس ايندي مثال آهن، ڪئٿرين دي گريٽ، رضيه سلطان، اندرا گانڌي، مارگريٽ ٿيئچر، بيگم خاليده ضيا ۽ بينظير ڀٽو وغيره. ڪڏهن مادي ڪڪڙ به ٻانگهه ڏني آهي!

(۲۰۶) گيانيءَ کي، اگيانيءَ جو گيان سان ڪو رشتو ڪونه ٿئي ٿو؟

(۲۰۷) سڄ ڳالهائڻ سٺو آهي، پر هرويرو ضروري ڪونهي ڇو ته دنيا جي اڳوانن ۽ پڳوانن جا ڪاريه بنا سچ ڳالهائڻ جي باقائدي هلي رهيا آهن.

(۲۰۸) ... ته ڪرڪيٽ مئچ مان مزو ئي نڪري وڃي!

(۲۰۹) ... ته ان لڙائيءَ جو بيان ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ وارا ئي ڪونه رهندا.

(۲۱۰) هرهڪ بندي تي! مگر ياد رکه ۽ خبردار رهه ته خود پنهنجي زندگيءَ جو ئي اعتبار ڪونهي ته ٻين تي ڪهڙو اعتبار ڪندا!

(۲۱۱) استريون، پنهنجن مردن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون! جنهنڪري مرد ويچارا گنجا ۽ کوسٽ ٿي پون ٿا.

(۲۱۲) شادي ڪرڻ ته چڱي ڳالهه آهي، پر پيار جو انت شادي آهي ۽ پيار جي شاديءَ جو انت تڪرار آهي..

(۲۱۳) ڪا خبر نه پوندي!

(۲۱۴) سنيما (Cinema) جي پردي تي.

(۲۱۵) .... اهو سوال آهي ته اهڙو ڪو سوال نه پڇو، جنهن سوال جو جواب ڪوئي نه هجي.

(۲۱۶) آءٌ سياڻي کان ايم. پي (M - P) ٿيندس، منهنجي تصوير دوردرشن تي ايندي ...؟ يعني مان (Missing Person) ٿيندس ڇو ته سياڻي کان آءٌ انڊيا گورمينٽ جي پاران وديش ياترا لاءِ روانو ٿيندس.

(۲۲۹) پيار وڏو آهي يا فرض؟ توهان جو ڪهڙو ويچار آهي؟

(۲۳۰) ناستڪ ڪنهنکي چئجي؟

(۲۳۱) ڪهڙي ماڻهوءَ جو خيال ڪوئي نٿو رکي؟

(۲۳۲) توهان ڇا ٿا چاهيو؟

(۲۳۳) زندگيءَ جو ٻيو هڪ نالو ٻڌايو؟

(۲۳۴) ڪلاڪار - فنڪار يا ڪاريه ڪرتا جي جيئري قدر شناس ضروري آهي؟

(۲۳۵) هڪ وڪيل صاحب مون ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ پيو چاهي؟

(۲۳۶) اکيون اکين سان ڪڏهن ملنديون آهن؟

(۲۳۷) توهان ائين ڇو ٿا لکو، سنڌين جا ميلا لڳندا ئي رهندا؟

(۲۳۸) پاڳلن جون ٻه ٽي نشانيون ٻڌايو؟ جئين کين سڃاڻي سگهون؟

(۲۳۹) رات کانپوءِ ڇا ڏينهن ايندو؟

(۲۴۰) ماڻهو ئي هڪڙو جيو آهي، جنهن وستر پائڻ شروع ڪيا آهن؟ ڇو؟

(۲۱۷) ڀائي صاحب آءُ هڪڙي ئي قسم جو ڀلاءُ ڪائيندو آهيان ۽
ان جو نالو، اوهان نوٽ ڪريو : 'خيالي ڀلاءُ'

(۲۱۸) هر انسان جي زندگاني، فلم مثل ٿئي ٿي. ان زندگيءَ
جي فلم ۾ هر انسان هيري جو رول ڪري، مگر افسوس گهڻا
ماڻهو ڪنڪڙ، ڪي ڪانچ ۽ ڪي ڪوئلي جو ڪم ڪن ٿا.

(۲۱۹) جيڪو فقط ٻين جي چوڻ تي ڪنڌ لوڏيندو رهي ٿو ۽ هلندو رهي ٿو.

(۲۲۰) پيار، پاڻيءَ جيئان بي رنگ ٿئي ٿو. پاڻي جهڙي نموني جنهن
رنگ سان ملندو، اهڙوئي رنگ ڪيندو، نيڪ ساڻي پرڪار پيار
پئسي ۾ پوي ته لوڀ، پريوار سان پيار لڳي ته موه، پاڻ سان
پيار ٿئي ته اهنڪار، شرير سان پيار ٿئي ته ڪام (SEX)،
قدرت سان لڳي ته فيلسوفي، دارشنڪ، ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار بڻجي
پوي ٿو، اها پيار جي وياڪا سمجهڻ جوڳي آهي.

(۲۲۱) اگيان انڌري مثل آهي، جيون لاءِ گيان جي روشني ضروري
آهي، ويدن ۾ چيل آهي : 'تمسو ما جوتر گمير'.

(۲۲۲) حياتي سک دک، پيار ساڙ، ملن جدائي ۽ جيون مرتيو، پاپ
ثواب جي ضدن ۾ هلي ٿي.

(۲۲۳) خود مطلبي، خود ئي بي مطلب زندگي گذاري مري ٿو.

(۲۲۴) هرويرو نه! پر چڱو لڳڻ چڱو آهي.

(۲۲۵) اڄ جو ماڻهو، اڄ جو ماڻهو ۽ سياڻي جو ماڻهو چاهي ٿو،
'آءُ مران نه!'

(۲۲٦) ويچارن ڪي عمل ۾ آڻڻ جو ويچار ۽ آشاوادي انسان ڪي
جيون ۾ سڦل ۽ مهان بڻائن ٿا.

(۲۲۷) خوف جو خيال ماڻهوءَ ڪي ماري ٿو. 'جو ڊر گيا سمجهو وو
مر گيا.' گبر سنگهه چيو آهي.

(۲۲۸) ڊپ ڪي وشواس ۽ آتم وشواس ماري ٿو. اهو گفتو سنت
آشارام آکيو آهي.

(۲۴۳) اڄ جي يڳ ۾ ڪرن ارجن پئدا ٿين ته جيڪر ڪهڙا ڪاريه ڪري سگهندا؟

(۲۴۴) دنيا ۾ ڪنجس ڪنهن کي ملي ٿو؟

(۲۴۵) خوش نصيب ڪنهن کي سڏي سگهون ٿا؟

(۲۴۶) مون کي ياڳه سان ڏن پدارٿ هٿ اچي ويو آهي، پر هاڻي سڀ مٽ مائٽ، يار دوست مونکي لالچي، برا ۽ خود مطلبي نظر اچن ٿا؟

(۲۴۵) ايوڌيا ۾ مندر کي ڪير نرماڻ ڪندو؟

(۲۴۶) شاعر هري دلگير هڪ پرولي ڏني آهي ... 'سچ به ناهي، ڪوڙ به ناهي، مفت سرشٽيءَ جا سئر ڪرائي' ان جو جواب ڏيو.

(۲۴۷) سؤدائي ڪنهن کي سڏجي؟

(۲۴۸) نينگر جو ڪرشمو ڪيترو وقت هلي ٿو؟

(۲۴۹) ڪهڙو انسان ڏنيه آهي، مهان آهي؟

(۲۵۰) ڪائنات جو لاجواب نماءُ ....؟

(۲۵۱) اوهان کي ڪنهن جي جستجو آهي؟

(۲۵۲) ڪهڙي ڏينهن کي وڏيڪ اهميت آهي؟

(۲۲۹) بيشڪ! فرض وڏو آهي! ليڪن پيار نڀائڻ به فرض آهي.

(۲۳۰) 'جنهنکي آتم وشواس ڪونهي' اهو فرمود سوامي وويڪانند فرمايو آهي.

(۲۳۱) جيڪو ماڻهو فقط پنهنجو ئي خيال رکي ٿو، ان جو ٻيا ٻيو ڪوئي خيال ڇو رکندو؟

(۲۳۲) آءِ الائي ڇا ڇا ٿو چاهيان! ليڪن فقط چاهڻ سان ماڻڻ ڪونه ملندو، مون پنهنجي لکيل هڪ نظم ۾ ظاهر ڪيو آهي :
' چاهيان ٿو هلن سڀ منهنجي اِشاري، پر سڏ ناهي ڪير ٿو مون کي هلائي'

(۲۳۳) 'زندگي زنده دلي ڪا نام هئه.'

(۲۳۴) گهڻو ڪري شراڌ مرڻ پڄاڻان ڪيا ويندا آهن، در حقيقت ڪلاڪار، فنڪار يا ڪاريه ڪرتا کي قدر شناسيءَ جو محتاج رهڻ نه گهرجي، ليڪن ڪلا، فن ۽ ڪاريه کي اگر ڪنهن بلنديءَ جي مقام تي آڻي ته اها ٻنهي جي قدر شناسي ٿيندي.

(۲۳۵) ها دوستيءَ لاءِ سوچي هٿ وڌايوس، ڇو ته وڪيلن جو هٿ هردمِ ٻين جي ڪيسن ۾ رهندا آهن.

(۲۳۶) جڏهن دلين ۾ نفاق ۽ اتفاق جو ايڪسيڊنٽ ٿيندو آهي.

(۲۳۷) ڇوته ميلا صرف زنده قوم ۽ انسانن جا لڳندا آهن، باقي سناٽو شمشان ۾ رهندو آهي.

(۲۳۸) (۱) سڀ پاڳل پاڻ کي قابل سمجهندا آهن. (۲) هو ڪنهن به نشان تي ڪونه هلندو آهي. (۳) هو ٻين کي پاڳل سمجهندا آهن.

(۲۳۹) رات ڪانپوءِ پهريائين پربات ايندي. اگر اوهان زنده رهيا ته ڏينهن به ڏسندا.

(۲۴۰) ماڻهو هڪڙو جيو آهي، جنهن قدرت جا گهڻي قدر سڀ نيم ٽوڙيا آهن. ڌيري ڌيري ماڻهن کي سمجهه اچي رهي آهي، يورپ آميريڪا جي ماڻهن ڌيري ڌيري وستر لاهڻ شروع ڪيا آهن، خاص ڪري استريون فقط ٻه نئپڪن پائڻ شروع ڪيا آهن ۽ رات جو آهي به لاهي اعطمنان سان سمهنديون آهن.

(٢٥٣) ڪهڙو لفظ غلط لکيو ۽ اُچاريو وڃي ٿو؟

(٢٥٤) ڪهڙو شخص چوندو رهي ٿو ته، سندس جي زندگي ويران ۽ خالي آهي؟

(٢٥٥) دنيا ۾ جن ڀوت ٿيندا آهن؟

(٢٥٦) هن وقت ماڊرن دنيا جي مورڪتا ڏسڻي هجي ته ....؟

(٢٥٧) جوتشي ڪهڙيون وارتائون ٻڌائن ٿا؟

(٢٥٨) اوهان کي راتري ۾ پياري ڪير لڳندي آهي؟

(٢٥٩) وڏي ماڻهوءَ جي سڃاڻپ؟

(٢٦٠) دنيا کي وڏو پاڳل خانو چيو وڃي ٿو؟

(٢٦١) ريس ۽ سيڪس ۾ ڪهڙو ڪورس هلي ٿو؟

(٢٦٢) ڪاريگر ۽ ڪلاڪار ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

(٢٦٣) ڪم ڪرڻ واري ۽ ڪم نه ڪرڻ واري جو ڪجهه ذڪر ڪريو.

(٢٦٤) اوهان کي زندگيءَ ۾ باقي ڪا آرزو رهي آهي؟

(٢٤١) انهن ويرپرشن جو جنم اڪارڻو ويندو، جوڻه ڪين ڪرشڻ ڪونه ملندو پر ڪرپشن Corruption جو شڪار ٿي ويندا.

(٢٤٢) ڪنجوس، ڪروڌيءَ، لوڀيءَ، قاتل ۽ ڪنس جهڙي سياهه وارن شخصن کي ڪجهه ملي ٿو.

(٢٤٣) مقدر ڪا سڪندر، شهنشاهه، سؤداگر، جادوگر، ڪولي اميتاب بچن جنهن کي موت به معاف ڪيو، هن کي خوبصورت ريکا، اپسرا پروين بابيءَ پيار ڪيو! ۽ شوخ جيا ڀادريءَ هن کي پتي بڻايو ۽ راجيو گانڌي دوست!

(٢٤٤) توهان جي ان ڪتا ۾ ٻي ڪنهنجو ڏوهه ڪونه آهي، توهان وٽ ڏن پدارٿ جهڙي خراب چيز هٿ آهي، هڪ ڪانو کي ماس جو ٽڪرو ملي ويو، سڀ ڪانو ان کي ٺونڪا هڻي مارڻ لڳا، جڏهن اهو ماس جو ٽڪرو ڪري پيس ته سڀ ڪانو ساڳيا متر بڻجي پيس .... ان مان هنڊايو!

(٢٤٥) دهلي دربار ۾ جڏهن شري رام اوتار وٺي ايندو.

(٢٤٦) اهو هري دلگير صاحب جو 'سپنو' آهي.

(٢٤٧) سياڻو ماڻهو، جيڪو سؤ دفعا سوچي به داءُ نه لڳائي! اهو پورو سؤدائي سڏجي ٿو.

(٢٤٨) نينگر جيستائين عورت بڻجي، اڻويهه ويهه بهارن تائين نينگر جي حسن جوانيءَ جو ڪرشمو هلي ٿو.

(٢٤٩) جيڪو انسان پيار پراپت ڪري ٿو، اهو ڌنيه آهي، جيڪو پيار ڪري ٿو، اهو مهان آهي.

(٢٥٠) عورت آهي! هن جو هر انگ لاجواب آهي!

(٢٥١) خدا جي جستجو ڪونهي! پر خدا جي ڪنهن پياري بندي جي جستجو سدا جاري آهي!

(٢٥٢) اڄ کي! ڪالهه سپنو ٿي ويو، سڀاڻي خيال آهي، اڄ ئي حقيقت آهي، اڄ ئي هٿ ۾ آهي!

(٢٦٥) اهو ڪهڙو هنڌ آهي، جتي ماڻهن کي گنبديدار وار ٿين ٿا؟

(٢٦٦) ڀڳوان، اگر انسان جي روپ ۾ پرگهٽ ٿئي ته ...؟

(٢٦٧) ڪاريه گهٽو آهي يا سنسٿائون گهٽيون آهن؟

(٢٦٨) ڇا صبر جو ڦل مٺو ٿئي ٿو؟

(٢٦٩) سنسار ۾ سماجواد سڦل رهندو؟

(٢٧٠) ڇا، عورت لاءِ شرم ضروري آهي؟

(٢٧١) اوهان کي ڪهڙو ٻار وڻندو آهي؟

(٢٧٢) ٻالڪ ڄمڻ سان روئڻ ڇو ٿو شروع ڪري؟

(٢٧٣) خيرات ڪرڻ گهرجي؟

(٢٧٤) يار جو درد ڪنهن کي سلجي؟

(٢٧٥) مون کي رستي تان هڪ سونو منگل سوتر مليو آهي، ان جو ڇا ڪريان؟

(٢٧٦) عورت جي بگاڙڻ لاءِ ڪير جوابدار آهي؟

(۲۵۳) اهو لفظ آهي ’غلط‘.

(۲۵۴) شخص، جنهن کي پيار محبت کونہ مليو آهي ۽ نہ پيار ڏنو آهي، تہ اهڙو ماڻهو چوندو، ’منهنجي زندگي ويران وڻرت ۽ خالي خالي آهي.‘

(۲۵۵) گذريل گهٽنائن جا ڪردار، گذر ڪري ويل ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جا پنهنجا وهمي ويچار جن ڀوت لڳندا آهن.

(۲۵۶) .... تہ ڪرڪيٽ (Cricket) ڏسو.

(۲۵۷) بي مطلب، بڪواس ۽ بي بنياد وارتائون ٻڌائن ٿا، اسين انهن تي اعتبار ڪريون ٿا، پر جوتشن کي خود جي وارتائن تي ئي وشواس نہ رهندو آهي.

(۲۵۸) هرڪنهن کي راتڙي ۾ پياري نندرا + ديويٰ = نندرا ديوي لڳندي آهي.

(۲۵۹) وڏيون ڳالهيون، وڏيون خرابيون، وڏو پد، ننڍي دل، بس نام بڙي اوُر درشن ڇوٽي.

(۲۶۰) هر ماڻهوءَ ۾ مورکتا جي ذري سمايل ٿئي ٿي، پر جيڪي ماڻهو پنهنجي مورکتا ظاهر ڪري ويهن ٿا، انهن ويچارن کي ننڍڙن ننڍڙن پاڳل خانن ۾ موڪليو وڃي ٿو، باقي مورکہ تون ۽ مان هن وڏي پاڳل خاني ۾ سياڻا سڏائي رهيا پيا آهيون!

(۲۶۱) ريس جا گهوڙا ريس ڪورس ۾ ڊوڙن ٿا، سيڪس هارس انٽر ڪورس ۾ هڪ ئي هنڌ هلن ٿا.

(۲۶۲) ڪاريگر بيشمار ٿيندا آهن ۽ ڪلاڪار ورلي پئدا ٿيندا آهن.

(۲۶۳) ڪم ڪرڻ واري کي ٿورو گهٽو اُجورو ملي وڃي ٿو، پر ڪم نہ ڪرڻ وارو، حالانڪ وڏو ڪم ڪري ٿو ليڪن ان کي ڪو اُجورو ڪونہ ملي پاڻ ان کي آزار ملي ٿو.

(۲۶۴) اها آرزو آ تہ،

روز ان سان روبرو ملان.
روز ناهي ممڪن تہ روزن ۾ هن سان ملان
روزا بہ گذري ڪن تہ، قيامت وقت زندگيءَ سان ملان!

(٢٧٧) انسان جي وياڪيا ٿوري ۾ ٿوري ڪيتري لفظن ۾ ڏيئي سگهندا؟

(٢٧٨) 'ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون به رهه، مان به رهان!' ڪوي ڪشنچند بيوس جي ان ننڍڙي سٽ ۾ ڪهڙو وڏو ارٿ سمايل آهي؟

(٢٧٩) عورت جي پيٽ مرد سان ڪري سگهندا؟

(٢٨٠) ڪرشڻ ڪانپوءِ ٻيو ڪهڙو گياني پرش پئدا ٿيو آهي؟

(٢٨١) گيان ۽ ايمان گڏ رهي سگهن ٿا؟

(٢٨٢) شراب ڪهڙي حالت ۾ پيئڻ گهرجي ۽ ڪهڙي حالت ۾ پيئڻ نه گهرجي؟

(٢٨٣) گهڻي قدر مڙوئي ماڻهو حالتن جا غلام آهن، پر ڪهڙو ماڻهو حالتن کي غلام بڻائي ٿو؟

(٢٨٤) چاهت جو انجام .....؟

(٢٨٥) داستاني ليلا مجنو، دنيا ڀر ۾ ڳايو وڃي ٿو، ڇا ان ڪانپوءِ ٻين محبت ڪانه ڪئي آهي؟

(٢٨٦) سنسار ۾ سڀو ڏينهن فقط ڏينهن هجي ها ته .....؟

(٢٨٧) اوهان سان ڪا ٽرئجڊي ٿي آهي؟

(٢٨٨) اسين انڊين هن وقت يورپين ۽ آمريڪن کان ڪيترو پري ۽ پوئتي آهيون؟

(٢٦٥) آفريڪا کنڊ جي ڪينيا ۽ ٽئنزينيا ملڪ وارن ماڻهن کي گنڊيدار وار ٿين ٿا.

(٢٦٦) ..... تہ ان انسان جي پرک ڀڳوان ستيہ سائين بابا کان ڪرائي ويندي، اگر ڀڳوان ستيہ سائين بابا چوندو تہ هيو بہ ڀڳوان اوتار وني آيو آهي تہ پوءِ ان کي اُتر ڀارت جي سيٺ ڏيئي ڀڳوان ظاهر ڪيو ويندو.

(٢٦٧) سنستائون گهٽيون آهن ۽ گهٽيون سنستائون گهٽا پد ۽ پد اتڪاري پئدا ڪرڻ جو وڏو ڪاريہ ڪن ٿيون ۽ باقي بس.

(٢٦٨) ائين مڃيو ويو آهي تہ ’صبر جن جو سير، تير نہ ڪسي تن جو، اڳہ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي.‘ اهو مطلب اڳہ جي زماني ۾ صحيح هوندو، ليکن هاڻي هڪ الٽ شاعر لکيو آهي، ’صبر جن جو سير، ٽڙُ نہ ملي تن کي، اڳہ اڳرائي جو ڪري، نفعو سو کائي.‘

(٢٦٩) انهيءَ سوال جي جواب کي سدائين سوال جي نشاني رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ سماجواد بهترواد آهي، هرڪو مجبور ماڻهو ساميواد آڻڻ چاهي ٿو، مگر خود سماجواد جا ساٿي ڪامريڊ بہ ان واد تي هلي ڪونہ سگهن ٿا.

(٢٧٠) شرم هڪ پرائيويٽ خاصيت آهي، اگر عورت شرم ڪندي تہ سنسار جي واڌ رڪجي ويندي، پر تنهن هوندي بہ بيشرم عورت شريفن کي ڪونہ وڻندي آهي.

(٢٧١) سڀ کي پنهنجو ٻار وڻندو آهي !

(٢٧٢) ٻالڪ جو وايو منڊل هڪدم بدلجي وڃي ٿو، ان جي شڪايت ڪندي روئندو آهي.

(٢٧٣) ها، ٻئي حالت ۾ ڊڪشنريءَ مان خيرات لفظ گم ٿي ويندو، مڃ ڏيڻ نہ ليکي خيرات ونڻ گهرجي.

(٢٧٤) يار جو درد، خود يار سان يا خود سان سلجي! دنيا سان نہ! شاہ صاحب چيو آهي، ’نهائينءَ کان نيہ، سک، منهنجا سپرين! سڙي سارو ڏيہ، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

(٢٧٥) اوهان ڪوئي خيال نہ ڪريو، هاڻي اهو جاڻي ڪانہ ڪا وڏوا! اوهان کي ڳولهي هٿ ڪندي ۽ منگل سوتر سجايو ٿيندو.

(٢٧٦) مرد! پنهنجي مرد جي بدگماني، بي وفائي، بي رخي، بدتميزي، بي ايماني، بد افعالي ۽ بي غيرت وهنوار عورت جي بگاڙڻ لاءِ جوابدر آهي.

(٢٨٩) ست يگه ايندو؟

(٢٩٠) جڏهن پرسڊ پاپ سنگر مئڊونا ۽ ان جي بواءِ فرينڊ پاٽ ۾ کهڙو ايڪسيڊنٽ ڪيو آهي؟ جنهن جي دنيا اندر گرم چرچا جاري آهي؟

(٢٩١) ريس ۾ کهڙو گهوڙو ڪٽي ٿو؟

(٢٩٢) هني مون ڪنهن سان ڪجي؟

(٢٩٣) هڪ پائلٽ پارٽ جو پرڌان ٿيو ته 'ميرا پارٽ مهان' ٿي ويو، اگر هڪ پوليس مئن ديش جو پرڌان منتري بڻجي پوي ته ....؟

(٢٩٤) پراچين مندرن اندر استرين ۽ ديوين جا اُگهاڙا ننگا آڪار چتر ۽ مورتون ڪهڙو بيان ڪن ٿيون؟

(٢٩٥) چندرا سواميءَ جي ڪرشمي جو هاٿي آرنيپ آهي يا انت؟

(٢٩٦) اسان جا وڏا پنهنجن ٻارن جي مائٽيءَ ڪان اڳ، سامهون واريءَ ٻار جي ابن ڏاڏن، وڏن، ويجهن ۽ پاس پڙوس جي جاچ هرويرو ڇو ڪندا رهن ٿا؟ اهو سڀ اجايو ڪونه ٿو لڳي؟!

(٢٧٧) انسان مهان هستي آهي، تڏهن به ٿوري ۾ ٿورن ٽن لفظن ۾ ڄاتو وڃي ٿو ته، انسان سماجڪ، سوارٿي ۽ ڀاوڪ پراڻي آهي.

(٢٧٨) ان سٽ ۾ ارٿ وڏو آهي، ليڪن اڄ جي وقت ۾ سار ڪونهي، ڇوته موجوده سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تيز هلندڙ ساڌنن، دنيا کي بلڪل ننڍڙي ڪري ڇڏيو آهي، دنيا ايتري ننڍڙي ٿي ويئي آهي جو وڏيءَ دل رکڻ جي جڳهه ئي ڪونه رهي آهي. ماڻهو بنا دل جي جيئي رهيو آهي ۽ لوڀي ڪتي جيئان ڏن پنيان پڄي رهيو آهي، بيوس جي ڀولن سوچڻ ڪان پري نڪري ويو آهي!

(٢٧٩) بيشڪ، جسماني طاقت ۽ دلي ٻل ۾ عورت مرد کان هيٺي آهي، باقي ٻين شڪتين ۾ جهڙوڪ ڪم ۽ ڪام شڪتيءَ ۾، سوچ ۽ سمجهه ۾، صبر ۽ سهڻ ۾، لوڀ ۽ هوَسَ ۾، ڪاڏ ۽ خوراڪ ۾ عورت مرد کان هر حالت ۾ چوڻٽي ثابت ٿي آهي!

(٢٨٠) ڪرشڻ سمپورڻ سورهان ڪلا ڌاري هو، پر گيان ۾ ڪرشڻ ڪانپوءِ 'اُشو' آچاريه رجنيش پئدا ٿيو آهي.

(٢٨١) ٻا رهي سگهن ٿا! حالانڪ گيان ۽ ايمان، ٻئي هڪ ٻي جي مختلف آهن، پر گيانيءَ کي جڏهن پنهنجي گيان جي دعويٰ ڪري ٿو، ان حالت ۾ ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو ته اگيان ۽ ايمان گڏ پڻ رهي سگهن ٿا.

(٢٨٢) شراب غم، خوشي، پيار محبت، ساز ۽ آواز ۾ ٻه پي سگهجي ٿو، پر ان حالت ۾ شراب پيئڻ نه گهرجي، جڏهن شراب ئي توهان کي پيئڻ لڳي!

(٢٨٣) سچيڪو انسان آزاديءَ سان جيئي ٿو، سهج سڀاءَ سان ۽ پرڪرتيءَ انوسار هلي ٿو، اهو ڪنهن جو غلام نٿو رهي! اهڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ان مقام تي پهچن ٿا جو حالتن کي موڙن ٿا، دنيا جو رخ بدلائي ڇڏين ٿا.

(٢٨٤) چاهت جو انجام اول راحت ۽ آخر ۾ مصيبت.

(٢٨٥) ليلا مجنو، محبت کي خدا ڄاتو، خدا خاطر هو قربان ٿي ويا، قرباني ڪري سدا حيات آهن ۽ هردم هنن جو دنيا ۾ داستان ڳايو وڃي ٿو پر ٻين پاڻ خاطر محبت ڪئي هوندي!

(٢٨٦) .... ته سنگين گناه گهٽ ٿين ها، چور ويچارا بيروزگار رهن ها.

(٢٨٧) منهنجي ٽرئجڊي شخصي آهي، ان جو اثر ٻين تي ڪونه ٿيندو، باقي مون ڀوپال گئس ٽرئجڊي ڏٺي، لڳي پيو پرلئه جو ٽيلر، اکين ڏسي رهيو آهيان!

(٢٨٨) هن وقت تيز رفتار ساڌنن انڊيا، يورپ ۽ آمريڪا جي دوُري ختم ڪري ڇڏي آهي، جنهنڪري پري ڪونه آهيون، ليڪن اسين انڊين آرٿڪ طور، عادتن، ايمانداري ۽ ٻين ڪيترن حالتن ۾ هنن کان صديون پوئتي آهيون.

(۲۹۷) وڏي اورچا ۽ کھڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ جڳائي؟

(۲۹۸) ڪنهن به ڳالهه جي وڌاءُ ڪرڻ جي ڪلا کان واقف ڪرايو؟

(۲۹۹) دل تي پٿر رکڻ جو هڪ عمدو مثال پيش ڪريو؟

(۳۰۰) آشاوادي ۽ نراشاوادي انسان جي ڪاريه شئلي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا؟

(۳۰۱) آنند مارگ جو کھڙو ورڻن آهي؟

(٢٨٩) برهما ڪماريز ڪيترن ورهين کان خوش آهن ته هاٽي سنگم يگه هلي رهيو آهي ۽ جلد ست يگه ڏسنداسين، اجهو مٿي کانپوءِ سچ اُڀرندو! برهما ڪماريز پينرون ست يگه ۾ پڻ پينرون ٿي رهنديون، پر پرشن ويچارن کي ڪلجگه جا مؤج مزا نصيب ڪونه ٿيندا! پوءِ ست يگه الائي ڪيئن هلندو؟ ڪيئن وڌندو؟ لڳي ٿو ست يگه آٽوميٽڪ يگه هوندو، جنهن پرشن کانسواءِ پينرون ٻارڙا ڄڻينديون!!

(٢٩٠) ائڪٽ جيڪو، گڏجي خوشيءَ سان ڪيو وڃي ٿو، ان کي ايڪسيڊنٽ نه بلڪ فڪسڊ پروگرام سڏجي ٿو، مس مئڊونا جو چوڻ آهي ته اهو ائڪٽ سندس لاءِ **Fixed Programme** آهي ۽ هن جي بواءِ فرينڊ جو چوڻ آهي ته اهو ائڪٽ دنيا اندر شايد ٻي هڪ خوبصورت مئڊونا کي جنم ڏيندو. دنيا جي تمام تماشبينن کي هن جا شڪرانا مڃڻ گهرجن! جيڪو ڪم مئڊونا جا چاهيندڙ مرد ٻٽيهه سالن ۾ ڪري ڪونه سگهيا، هن جي بواءِ فرينڊ لڳاتار ٻن راتين ۾ لاس انجلس جي شاندار هوٽل اندر پورو ڪيو آهي! هاٽي پلا ڪنهن کي چا چوٹو آهي! اب ڪيا ڪريگا قاضي!!

(٢٩١) ڪنهن کي پتو ڪونهي! پر خوشقسمت شخص جو گهوڙو ڪٽي ٿو.

(٢٩٢) ڪنهن جوان ڇوڪريءَ سان، جيڪا اوهان سان راضي ٿي، هني مون تي هلي!

(٢٩٣) .... ته حوالي جي رقم جي موڙي ڏاڍو گهٽجي ويندي ڇو ته پوليس مٺن پنجين روپئي ۾ راضي ٿي ويندو!

(٢٩٤) پراچين مندرن اندر پارتواسين ستيم شوم سندرم جو پردرشن رکيو آهي، ساڳي وقت اهي شلا چتر ۽ مورتيون سندرتا جي ساميواد جو بيان ڪن ٿيون.

"Beauty is not only for me, but it is for all"

(٢٩٥) چندرا سوامي رشيا جي وليئن مانڪ راسپوٽ جو رول ادا ڪري رهيو هو. ياد رکڻ گهرجي ته : **"Swami is wisest fool!**

One can't fool, all the persons, all the time"

هاٽي چندرا سوامي خود جي بٽائيل ڪوريئڙي جي جار ۾ ڦاٿو آهي، ڦتڪي پيو ۽ ڦتڪي ڦتڪي ...تنتر منتر پلجي ويندو.

(٢٩٦) اهو سڀ اجايو ڪونه ٿو لڳي! اسان جي وڏن، کي به ڪنهن جي جاڻڻ پهچاڻ لاءِ هڪ ٿيئري جو ارٿ جاتو آهي ته ماٺهو جو مرتبو برابر آهي. ’تخمي تاثير ۽ صحبتي اثر.‘

(٣٠٢) اُهو ڪهڙو ڪاڏو آهي، جيڪو عمر جي پوري عرصي تائين روز مره ورتائيندا رهون ٿا، ليڪن تنهن هوندي به سيني ڪاڏن کان گهٽ ۾ گهٽ مانرا ۾ ڪائون ٿا؟

(٣٠٣) عورت جا، اُهي ڪهڙا انگ آهن، جيڪي ڪيس ڪڏهن خود کي ڪم ڪونه اچن ٿا پر سندس لاءِ بيحد ڪارائتا آهن؟

(٣٠٤) حالتن جي وس، مجبور پريمين کي پنهنجي پريم ليلا ختم ڪرڻ گهرجي يا پريم ۾ خود کي ختم ڪرڻ گهرجي؟

(٣٠٥) اُلفت جي راه ۾ ڇا ملي ٿو؟

(٣٠٦) اڄ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟

(٣٠٧) جيڪو ڪجهه نظر ڪونه ٿو اچي، آءٌ ان تي اعتبار ڪونه ڪندو آهيان! ڇا مان برابر آهيان؟

(٣٠٨) سرسوتي ۽ لڪشميءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو سنبنڌ آهي؟

(٣٠٩) ماڻهوءَ کي ڪهڙا ڪرم ڪرڻ جڳائن؟

(٣١٠) پئسو ۽ پريت پاڻ ۾ ڪهڙو حساب رکن ٿا؟

(٣١١) پريه ’آنند‘ اوهان پنهنجن ڪهاڻين جي ڪتاب جي عنوان لفظ پنيان ’ز‘ حرف ڏيندا رهيا آهيو، جيئن ته ’پرواز‘، ’همراز‘، ’نازو انداز‘ ۽ ’زندگيءَ جو مرڪز‘ ۽ هاڻي آهي ’لاجواب‘، اها راز واري ’ز‘ ڇو گم ٿي ويئي؟

(٢٩٧) وڏيءُ اورجا ۾ گھٽين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ، جيءُ جو جنجال آهي، فقط پنهنجي صحت ۽ عزت سنڀالي رکجي ۽ ان کانسواءِ محبت سان مڙنيءَ سان هلجي.

(٢٩٨) اي دل کي ٽڪڙي هزار هئي، کوئي اڌر ڳرا، کوئي اُڌر ڳرا، اور هم دوڙتي هماليہ پر چڙني لڳي.

(٢٩٩) پيار ۾ ڪنهن لاءِ دل ۾ مرندي تڙڦندي به ملڻ کان ڪنارو ڪندي، جيئڻ! هڪ مثال آهي، دل تي پٿر رکي جيئڻ جو!!

(٣٠٠) آشاوادي انسان آسمان جي سئر لاءِ ايروپلئن ايجاد ڪيو، نراشاوادي هوائي جهاز جي ڪرڻ جي ڊپ کان پئراشوٽ پئدا ڪيو. آشاوادي انسان، آسمان کي ڇهڻ لاءِ اسڪاءِ اسيڪپر شاهي عمارتون جوڙيون ۽ نراشاوادي ماڻهن انهن بلڊنگن تان هيٺ ڇلانگ ماري پنهنجو انت آندو آهي. آشاوادي انسان گھٽو ڌن ڪمائي گھٽو خرچي خلاص ڪيو پر نراشاوادي گھٽو ڪمائي، گھٽو ڌن پدارٿ ٻين لاءِ ڇڏي هليا ويا آهن ۽ ويندا رهندا، اُهي جڻ پرائو قرض لاهڻ لاءِ جنم وٺي آيا آهن.

(٣٠١) سرشٽيءَ ۾ آنند انسان ئي ماڻي سگھي ٿو. آنند جي شترو مايا آهي، جيڪا پنهنجا کيل تماشا رچائي، ماڻهوءَ کي آنند کان پري رکي ٿي. آنند مارگ ماڻڻ لاءِ ماڻهوءَ مان انسان بڻڻو آهي، انسان بہ گياني، گيانيءَ مان تياڳي، تياڳيءَ کانپوءِ سنتوشي، بعد ۾ قدرت ۾ سمپورڻ سمرپڻ، ان کان پوءِ آنند پراپت ٿي وڃي ٿو، اجا اڳتي پريم، گيان ۽ آنند ملي، ست، چت آنند جي پد تي انسان پهچي سگھي ٿو!

(۱) ڇا ھي موجوده دنيا رھڻ لائق آھي؟ توھان کي سنسار سھانو لڳي ٿو؟ پنھنجا خيال ظاھر ڪريو.

(۲) اھڙو ڏينھن اچڻ ڇا ممڪن آھي، جڏھن ڇوڪرا شاديءَ ۾ ڏيتي ليتي ڏيندا؟ پنھنجا ارادا ۽ رايا لکو.

(۳) ست آڪاس، ست پاتال، ست سمنڊ، ست جنم، ست ڦيرا، ست وچن، ست سُر، ست پيڙھيون، اھو آخر ستن جو چڪر ڇا آھي؟ سمجھايو.

(۴) سنڌو ديش، اگر پاڪستان کان الڳ ھڪ آزاد صوبو بڻجي ٿو تہ ان حالت ۾ اسان سنڌين اڳيان ڪھڙا سوال پيدا ٿيندا؟ اسان ڪھڙو رخ اختيار ڪنداسين؟

(۵) ھن تمام ئي سؤ يارھن سوالن مان ڪھڙي سوال جو جواب اوھان کي بھتر لڳو؟ ۽ ڇو؟

(٣٠٢) اُهو ڪاڌو آهي لوڻ، نمڪ، جيڪو روز مره جي زندگيءَ ۾ ورتائيون ٿا، مگر سڀني ڪاڌن کان گهٽ ۾ گهٽ کائون ٿا.

(٣٠٣) اَره! عورتُ جا اهڙا انگ آهن، جيڪي ڪيس ڪڏهن به خود کي ڪم ڪونه اچن ٿا مگر سندس لاءِ بيحد ڪارائتا آهن.

(٣٠٤) شاه صاحب فرمايو آهي، 'نهائينءَ کان نيه سکي، مُهجا سپرين! سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.'
خود کي ختم ڪرڻ نه جڳائي، پريم کي دل جي اندر امانت جيان سانڍي رکڻ واجب آهي.

(٣٠٥) اُلفت جي راه ۾ هزارين غم نصيب ٿين ٿا!

(٣٠٦) اڄ ڪانپوءِ جيڪو جيئرو هوندو، اهو سياڻي جو سورج ڏسندو!

(٣٠٧) اوهان گهڻي قدر برابر ڪونه آهيو، ڏسو اوهان کي پنهنجو متو ڏسڻ ۾ اچي ٿو مگر ان اندر پئڪ ٿيل دماغ نظر ڪونه ٿو اچي، انهيءَ حالت ۾ اوهان هرگز ائين ڪونه چوندا ته، 'اوهان کي دماغ ڪونهي!'

(٣٠٨) سرسوتي ۽ لڪشمي ديويون آهن ۽ پاڻ ۾ ديورانين جيان ورتاءُ ڪنديون آهن، جنهنڪري ٻئي هڪ ٻي سان گڏ گهاري ڪونه سگهن ٿيون پر گڏجي هلنديون آهن، ليڪن نفاق رکي!

(٣٠٩) انسان کي بنا قُل جي اڇا رکي ڪوبه ڪم ڪرڻ ڪونه جڳائي، بلڪ بنا اڇا جي قُل وارو ڪاريه ڪرڻ جڳائي!

(٣١٠) ٻئي هڪ ٻي جي برخلاف وات هلن ٿا، جڏهن ملن ٿا ته پئسي هٿان پريت مري ٿي.

(٣١١) ان زائفان پريت روپي زنجير زندگيءَ جي ٽوڙي زر سان وهنوار شروع ڪيو اٿس، اڄ ڪوئي رازدار نه رهيو! نه ڪا زندگيءَ ۾ 'ز' رهي!! ۽ نه وري حياتيءَ ۾ ڪو آرزو باقي آهي ...!!!! باقي 'آنند'، آنند ۾ ئي آهي!!!!

(۱) هن سوال جو جواب پاڻ مضمون جي روپ ۾ لکي موڪلن، بهتر احوال لاءِ هڪ ڇٽي کي پنج سؤ رپيا، ليکڪا ديا لکميچند جشناڻيءَ پاران انعام ڏنو ويندو.

(۲) پاڻ پنهنجا ويچار ۳۰۰ لفظن ۾ لکي موڪلن، انهن کي شاعر موتيرام هيرانندڻي پاران ۳۰۰ روپيه انعام ڏنا ويندا.

(۳) هن سوال جو جواب ليکڪ ڏيئي ڪونه ٿو سگهي، ڪير به هن جو جواب لاجواب ۽ صحيح لکندو ته شري منوهر ڇبلاڻيءَ پاران ان شخص کي ست سؤ روپيه انعام ڏنو ويندو.

(۴) هن جو جواب فقط ٻارهين درجي تائين پڙهندڙن وديارٿين کي ڏيڻو آهي، ان جي بهترين ويچارن لاءِ پروفيسر پي. بي. تيجوجا پاران ۵۰۰ روپيه پرسڪار ڏنو ويندو.

(۵) هن سوال جي لاجواب جواب لاءِ پنج انعام ڪل ۱۰۰۰ روپين جا رکيل آهن، اُهي انعام سرو شري پريم تولاڻي، مدن رامچنداڻي، نريش ناروواڻي، ساون ڪمار اُداسي ۽ منوهر گوپالاڻيءَ طرفان ڏنا ويندا.

انهن کانسواءِ به خاص انعام آهن :

(۱) اسين سنڌي هند ۾ پنهنجي سنڌي زبان ۽ پنهنجي سنڌيت ڪيئن برقرار رکي سگهون ٿا؟


(۲) اسان سنڌين کي پنهنجي هڪ (هوم لئنڊ) ڌرتيءَ تي پنهنجو گهر يا هڪ خاص علائقي جي ضرورت آهي يا اسين سنڌي انتر راشٽريه ناگرڪ بڻجي ساري سنسار جا رهواسي ٿي رهون؟

پهرين سوال جي بهترين مضمون لاءِ شريمتي هيملتا بجاج (لوناوالا) ٽي سؤ روپيا انعام ڏيندي ۽ ٻئين سوال جي بهترين مضمون لاءِ ڊاڪٽر رام بنيجا 'انڊين' به سؤ روپيا انعام ڏيندا.

نوٽ: مٿي ڄاڻايل سيني سوالن جا جواب ۳۱ ڊسمبر، ۱۹۹۶ تائين هيٺ ڄاڻايل ائڊريس تي ملڻ گهرجن. اُهي انعام سنڌو ادبي سنگت جي چيٽي چنڊ (۱۹۹۷) واري ساليانيءَ جلسي ۾ ڏنا ويندا.

HINDUJA NAND 'ANAND'
404, Nalanda Palace, Ulhasnagar - 421 001.
Phone : 542142.

Birth-Date:
5.4.38
Birth-Place:
Larkana (Sindh)
Qualification.:
M.A., M.Ed.
Publisher:
Sadanand Publication
Gen. Secretary:
Sindhu Adbi Sangat



هندوجا نند 'آنند'

ليکڪ جا شايع ٿيل ڪتاب (ڪهاڻين جا مجموعا)

PARWAZ	(1990)	★ پرواز
HAMRAZ	(1991)	★ همراز
NAAZ-O-ANDAZ	(1992)	★ نازو انداز
ZINDAGI-JO-MARKAZ	(1993)	★ زندگيءَ جو مرڪز

پيش آهي : هڪ نئون تجربو (لاثاني سوال ۽ جواب)

LA-JAWAB ! لاجواب

By Hinduja Nand "Anand"
404, Nalanda Palace, SINDHUNAGAR-421001.
✆ 54 21 42

Cover page designed & printed by Prakash S. Gujrani
✆ (0251) 55 18 08